سنت مالا

١٦٦٧-١٦٧٠

ڊسمبر، ٢٠١٠

جنوري، ٢٠١١

وشنوءَ جو اَوتار:

گيانيشور

(٣)

١٠ رپيا

واسواڻي

وشيہ سوُچِي

سمرپن

سنت نامديو

جي ڪمل قدمن ۾!

پرستاونا

۱۳ صديءَ ۾ پيارو گيانيشور پڏاريو ۽ مهاراشٽرا ۾ هڪ نئين جاڳرتا آئي. اَٽڪل ۵ سؤ سال سانده سنت، ڀڳت، رشي، ڪوي پرڪاش ٿيا. تن مان ڪي اِستريون هيون؛ ڪي مسلمان هئا جي ڪرشن جا ڀڳت ٿيا؛ ڪيترائي براهمڻ ڪُل جا هُئا؛ ڪي ٻين ذاتين جا هئا، درزِي، مالهي، ڪنڀار، سونارا، مهار، ڪي غلام ڇوڪريون؛ ڪي تہ وڻشائون بہ هيون جن پڇتاءُ ڪيو ۽ ڀڳتيءَ جو اَمرت رس پِي وڃي شيام ڪي پاتو.

گيانيشور مهاراشٽرا جو ڌرم گرو آهي؛ ٻيا بہ آهن تن مان هي چار پرسڌ آهن:- (۱) ايڪانات؛ (۲) تڪارام؛ (۳) نامديو؛ (۴) رامداس- اِنهن پنجن ئي ”هرِي نام“ ۽ ”هرِي ڀڳتيءَ“ تي زور ڏنو. اِنهن پنجن ئِي، گيتن ۾ ۽ جيون ۾ هن ڳالهہ جي ساکِي ڏني تہ ”نام آهي نؤڪا“. ”نؤڪا“ معنيٰ ”ٻيڙِي“. نام آهي ٻيڙي؛ جو چڙهي سو هن سنسار ساگر مان لنگهي پئي پار!

گيانيشور گيتا تي ٽيڪا لکي، گيتن ۾. گيتا ۾ ۷ سؤ شلوڪ آهن. گيانيشور جي ٽيڪا ۾ ۱۰ هزار ”اَڀنگہ“ (دوها) آهن. اِنهيءَ ٽيڪا جو نالو آهي:- ”گيانيشورِي“. اِن

سا ڳئي گيت ۾ شري ماڌو نندن گيانيشور جي گيتا جي ٽيڪا بابت لکي ٿو ته آهي ”گيان جي ٻيڙِي“، ”گيان چي نؤڪا“:-

”ڀڳوت گيتا ٽيڪا، گيان چِي نؤڪا
يو ساگر تارٽم، توام ڪيلي اڪلنڪا!“

اندرياڻي نديءَ جي ڪناري تي هڪ ڳوٺ آهه: اُن جو نالو ”آلندي“. آلنديءَ ۾ گيانيشور ننڍيءَ عمر ۾ سماڌيءَ ۾ ويو. اُن وقت اِئين لکيل آهه، ته آسمان مان گلن جي ورکا آئي. ٻ سال ٻه سال ڪارتڪ مهني ۾ آلنديءَ ۾ تيرٿ واسي ڪنا ٿين ٿا ۽ هڪ پالڪيءَ ۾ گيانيشور جو پُتلو ڪڍي ”پنڌرپور“ وڃن ٿا. پنڌرپور ۾ شري ڪرشن جو مندر آهي. سماڌيءَ ۾ وڃڻ وقت گيانيشور چيو ته ”جيڪر گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو سال ٻه سال مان شري ڪرشن جو درشن ڪريان!“ ۽ تيرٿ واسين جو وشواس آهه ته گيانيشور جي پالڪيءَ سان سال ٻه سال شري ڪرشن پاڻ پنڌ ڪري هلي ٿو ۽ اَچي پنڌرپور ۾ پنهنجي مندر ۾ پهچي ٿو. گيانيشور کي وشنوءَ جو اَوتار ڪري ٿا ڪوٺين. مهاپتي پنهنجي سندر پستڪ ”ڀڳتي وجيه“ ۾ لکي ٿو:- ”هري تو گيانسيش!

تمچيا ڪيرتي سدي چتين، سدا وسوپان“-
”گيانيشور! تون هريءَ، وشنوءَ جو اوتار!

مان هينيون ٽڪرو ڏيکاري ٿو تہ گيانيشور جي سکيا ڪهڙي نہ سندر ۽ اُونهي آهي.

شري ڀڳوان چيو:-

منهنجا متر پيارا!
سُڻ نيڻ کولي نينهن ۾ نيارا!
ڪُل وڏو ٿيو: ڇا ٿيو؟
بن ڀڳتيءَ وچِ ڪُنَ ڪِريو!
ٻنيءَ ۾ اُپريا بيشڪ سلا وڏا،
پر اَن بنا ناڪام، سڀئي جڏا!
نگر وڏو پر اُجڙ ويران
ڪهڙي ڪم جو؟ ٿيو بيابان!
تلاءُ وڏو! پر پاڻي ناہ
ڪم ڪهڙي جو تہ اُهو آهہ؟
وڻ وڏو پر اٿس نہ ڦل
تہ ٿيو اُهو بہ پيارا! نشڦل!

گيانيشور جي گيتا تي ٽيڪا گيان ۽ ڀڳتيءَ سان ڀرپور آهي. شري ماڌو نندن هڪ گيت ۾ گيانيشور کي ”وشنوءَ جو اَوتار“ ۽ ”گيان جو ديوا!“ ڪري ٿو ڪوٺي ۽ پرارٿنا ڪري ٿو تہ:- ”سائين! مون کي ڪمل چرنن جي شيوا دان ڪر!“

”جيہ ديوا! جيہ ديوا! جيہ گيان ديوا!
وشنوءَ ڇا اَوتار! ديئي پد سيوا!“

وشنوءَ جو اَوتار: گيانيشور

(١٦)

سوجا! سوجا!

چانگ ديو مهنت کي کھڙو نہ سندر اُپديش مليو تو! وڻ هيٺ وينو آهي، اُن وڻ هيٺ سنت گيانيشور اُپديش ڏئي تو. اُن جو نالو ”بوڌ اُپديش“

”بوڌ اُپديش“ ڇا آهي؟ ”بوڌ اُپديش“ آهي اُهو اُپديش جو بُڌي کولي تو، جو بُڌي اُٿاري تو. اهڙا اُپديش سنت ئي ڏيئي سگهن ٿا. بڌي چڪر کلي تنهن لاءِ ضروري آهي تہ کو ست پرک اُپديش ڏئي؛ ڇو تہ ست پرک ئي وٺي هلي ٿو من چڪر کان مٿي. اَفسوس! اَسين رهون ٿا من چڪر ۾. هن چڪر جون ٽي اوسٿائون آهن. اُنهن کان مٿي وٺي هلي ٿو کو سمرٿ، کو ستپرک، سنت سڄان!

من چڪر جون ٽي اوسٿائون کهڙيون؟ (١) هڪ کي کونين ”نِدرا“، ننڊ جي حالت- ڏسو اَسانجو کيترو وقت ننڊ ۾ خرچ ٿو ٿئي. (٢) ٻي حالت کهڙِي؟ ”جاڳرت“. اَسين جاڳون ٿا- اُن ۾ بہ ڏسو اَسين کيئن نہ ورِي ورِي پيا

تنهنجي ڪيرتي، مهما جُڳہ جُڳہ
جيئي منجھہ سنسار!''

هڪ هڪ سنت آهي شيام جي مرليِ: هڪ هڪ مرليءَ ۾ آهي اَلڪہ ڌام جو منو گيت. هن وقت رات آهه، چو تہ اَسان شيام کي ۽ شيام جي پيارن کي آهہ وساريو. هن رات جي اونده ۾ شل ڪي سنت گيانيشور جو آواز ٻُڌن، ڪي هن مرليءَ جي منيِ ٻاٽي شروع ڪن ۽ ٻُڌيِ اُها نئين جيون، نئين زندگي پائين، جا ڪُلي ٿي سنتن ۽ درويشن جي ڪمل چرنن ۾!

پونو

واسواڻيِ

پوي تہ کھڙا نہ سندر سوتر چانگہ ديو کي گيانيشور ٻڌائي
ٿو- ٻڌو!

(۱)

سوجا! سوجا! سوجا! ميري لال!
تج اَيمان! ستگور سائين ڪري سنڀال!
سوجا! سوجا! ڇڏ ھٺ ۽ مانُ!
اَنھد تالي نوُرِي ٻجائِي، ٿِي نِرمان!
کھڙِي نہ سندر سکيا آھي!

”سوجا“! وجي سمھہ! توھين چوندا تہ ھيءَ سکيا کھڙي؟ جو بہ روحاني راہ ۾ ھلڻ چاھي، اُن کي کپي تہ ”من“ کي ”سمھاري“- اَوھين روز روز دکي آھيو- ٻائر دکي، پينر دکي، وڏيءَ عمر وارا دکي، اِستريون دکي، عملدار دکي، ڌني پرش دکي، راجا دکي، سبب کھڙو؟ من اُٿيو بيٺو آھي- من اُيو آھہ! جو چاھي تہ مونکي سکہ ملي، اُنکي کپي تہ من سيتل رکي- ھي من! تون سمھي پئہ! سمھڻ سکہ! پر تون تہ اُيو ٿيو بيٺو آھين!

ھڪ ڀاءُ سيا ۾ وجي ٿو، پر من سندس اُيو آہ- ويچارو اُت وجي کنھن وکار ۾ ڪِري پوي ٿو- روز روز اِھا حالت اَٿو اَسانجي من جي- ضروري آھي تہ من کي چئون ”سوجا! سوجا!“ ڙي من! ڪيڏو نہ رولو مچائين پيو! وجي سمھہ! پر چا ٿو ٿئي؟ اسين چئون تہ گھڻو ئي ٿا؛ پر من نٿو سمھي-

من چکر ۾ ڪِرون! اَسين جاڳون ٿا ۽ ڇا پيا ڪريون؟ اَسان جا ڪم ڪار، تن ۾ آهن ۵ وڪار- اَسان جي ڪم ڪار ۾ سوارٿ آهي، خود مطلبي آهي- اَسين جاڳون ٿا: جاڳيِ جاڳيِ پنجن وڪارن ۾ ڪِرون ٿا- (۳) ٽين حالت ڪهڙي؟ ''سُشپت'' اَوستا: اِها ڪهڙي؟ ڪڏهن ڪڏهن شايد اَوهان کي آزمودو مليو هجي: ڪيئن؟ اَوهين ننڊ ۾ وڃو: اڪثر ننڊ ۾ اَچن سپنا: ۽ ڪڏهن ڪڏهن سپنن کان پوءِ وڃو ڳوڙهيِءَ ننڊ ۾، جنهن کي ڪوٺين ''سُشپت''- من جون اُهي ٽي حالتون آهن.

پر (۴) هڪ چوٿين حالت بہ آهي- پر اُن ۾ وڃيِ هلي ٿو ڪو ست پرک- اُن حالت کي ڪوٺين ''تُريا''- ''تُريا'' آهي چوٿين حالت: ''گرپرساد'' بنان ''تُريا'' پد ۾ ڪير وڃي؟

''تُريا'' پد ۾ ٻُڌيِ جاڳي ٿيِ، ''ٻوڌ'' اُٿي ٿو. ستپرکہ اُن حالت ۾ وڃي هلي ٿو- چانگہ ديو کي گيانيشور ''تُريا'' پد، چوٿين پد ۾ وڃي وڃي ٿو- سنتن جو اُپديش آهي ''ٻوڌ''، ۽ چانگہ ديو اُهو اُپديش سٺي هينئر ٻيو ٿي پيو آهي. گروءَ جي سنمکہ ٿي وينو آهي- گيانيشور کي سوتر چوي ٿو جي آهن ''ٻوڌيِ سوتر''- اِنهن سوترن ۾ گيانيشور اِڪ شڪتي اوتي ٿو: اُها شڪتي چانگہ ديو جي ٻُڌيِ کولي ٿي- اِهي سوتر مون ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي گيتن ۾ اَوهان جي اَڳيان رکان- جيڪر اِهي سٺو تہ توهانکي پروڙ

طوفان ڪان بہ وڏيڪ زبردست آهي من! من کي ڪيئن روڪيان؟ مونکان تہ من روڪيو نٿو ٿئي“ - هيءَ ڳالهہ بلڪل سچي آهي- اَسين ڪوششون ڪريون ٿا، پر وري اَنڌ ڪوُپ ۾ ڪِري پئون ٿا- گُر ڪرپا هڪ زبردست شڪتي آهي: سا ئِي من کي سمهاري سگهي ٿِي.

”سوجا! سوجا! سوجا! ميري لال!

تج اَيمان! ستگور سائين ڪري سنڀال!“

جيستائين ڪو ست پرکہ سنڀال نٿو لهي تيستائين من ننڊ ۾ نٿو وڃي - من شل ليٽي : شل ڪنهن ست پرکہ جي اثر هيٺ اچي ءُ ننڊ ۾ وڃي !

”سوجا! سوجا ! چڏ هٺ ءُ مانُ،

اَنحد تالِي بڄائي، نوري ٿِي نرماڻ !“

جو ”ننڊ“ ۾ وڃي ٿو اُن جو من هٺ ءُ مانُ ڇڏي ٿو - ڏسو اسين ڪيڏ ي نہ هٺ ۾ آهيون! ڪنهن کي ڪو ٿورو ڏن آهہ- چاليهہ هزار يا پنجاه هزار يا هڪ لکہ : ڏسو ! اُن کي ڪيڏو نہ هٺ آهي ! ڪنهن کي سرير جي ٿوري سونهن آهي: اُن کي بہ ڪيڏو نہ اَيمان آهي ! وچون ڪنهن سيا ۾ تہ پانيون تہ اُت بہ لوڪ اَسان کي مان ڏين - پر جو چاهي تہ سندس ”بُڌي چڪر“ کلي، اُن کي ڪپي تہ هٺ ءُ مان جا ويچار ڇڏي - جڏهن من سمهي ٿو تڏهن هٺ ءُ مان جا ويچار وڃن ٿا.

هڪ زبردست شڪتي ڪپي: سا آهي گوروءَ جي پاس- من کي سمهارڻ جي توفيق اَسانکي ڪين آهي: وري وريِ ڪِري پئون ٿا- پر جي گُر شڪتي اَچي، جي ستگر جي مهر اَچي، تہ هن زبردست من کي قابو ڪري: پوءِ ڇا؟

”تہ ايمان! ستگور سائين ڪري سنڀال!“ من ڪيڏا نہ شڪ اُٿاري ٿو، ڪيڏيون نہ مشڪلاتون اُٿاري ٿو- پر وِساري ڇڏيون ٿا تہ ستگروءَ جي ڪرپا ئيِ اَسانجي سنڀال ڪري ٿيِ- اَيمان ڇڏيون: پر ڇڏڻ مشڪل آهي- ڪو پريوءَ جو پيارو اَچي، اَچيِ شل نهاري: من کي لتاڙي- جيستائين ستگوروءَ جي رکيا نہ ملي آه تيستائين ڇاڙهو ڪونهي-

”سوجا! سوجا! سوجا! ميري لال!

تہ اَيمان! ستگور سائين ڪري سنڀال!“

من کي سمهاريو: پر من سمهي نٿو ! سرير سمهي ٿو رات جو، پر اُن ننڊ ۾ بہ من ڪيڏيون نہ اَٽڪلون ٿو ڪري، ڪيڏيون نہ رٿون ٿو رٿي! اَوهين سڄو وقت اُٿيل رهو ٿا ءِ دکہ ۾ آهيو- جو چاهي تہ ”ٻڌِي“ چڪر کُلي، اُن کي ڪپي تہ هي قدم کڻي: من کي سمهاري- پر من نٿو سمهي- شري ڪرشن پنهنجي پياري شش ارجن کي چوي ٿو:- ”ارجن! تون من کي روڪ!“ ارجن چوي ٿو:- ”گرديو! اَوهين چئو ٿا تہ من کي روڪيان: پر من روڪجي نٿو- هي من آهي ڏاڍو ڏنگو، زور وارو- هوا اُٿي ٿي: طوفان لڳي ٿو: پر هوا کان ءِ

(١٧)

ٻوڏ سوُتر

وڏيڪ گيانيشور چانگ ديو کي ٻڌائي ٿو:-

”نند نہ جاڳڻ ، اُتري آهہ، اُتري آهہ،
پَوَن جي ڏور ۾ من کي اُڏاءِ!“

”نند نہ جاڳڻ“ :- جنهن ڏام ۾ ستگر پنهنجي شش جي ڏارا مٿي کٽي وجي ٿو، اُتي نڪي نند آهہ، نڪي جاڳڻ آهہ- اَوهانجي ڏارا هن وقت ڪٿي آهي؟ اَوهين هن وقت من جي ملڪ ۾ آهيو! من جي ملڪ ۾ سُکي رهي نٿا سگهو! من جي ملڪ ۾ آهي ڪا نہ ڪا اِنتظاري. جڏهن ستگور شش کي کٽي وجي ٿو ٻئي ملڪ ۾، تڏهن شش کي آنند ملي ٿو. اُنهيءَ آنند ڏام ۾ ڇا آهي ؟ اُت نڪي آهہ نند، نڪي آهہ جاڳڻ! ”نندرا ۽ جاڳرتا“ ڇا آهن؟ اُهي ٻہ اوستائون آهن هن لوڪ جون- هي ملڪ آهي ٽن گڻن جو:- (١) ستو گڻ (٢) رجو گڻ (٣) تمو گڻ. اِهي ٽيئي گڻ ملي هيءَ دنيا ناهين ٿا.

ستوگڻي ماڻهو سو جو سٺا ڪم ڪري ، پنگت جي خدمت ڪري. اُهي ڪم شڀ ڪم آهن : اِهي اَچن ٿا ستي گڻ مان. جو چاهي تہ مڪتي دئار کُلي اُن لئہ ضروري آهي تہ

تڏهن ڇا تو ٿئي؟ تڏهن اندر ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي ”تالي“. هڪ آواز ٻڌڻ ۾ اَچي ٿو- هڪ عجيب آواز ، اَنحد آواز ، اَنحد تالي ! نام ! شبد! کهڙو نہ منو آواز، سنهڙو، مڌر آواز آه جو اندر ۾ پيو وڄي ! ”تالي “ آهہ ”تاري،“ آواز: اُن آواز کي ”اَنحد“ چو تا کونين؟ آواز ٻن قسمن جا آهن : جي اَوهان مان کوبہ چاهي تہ ” تاري“ وڄايان تہ ڇا ڪري ؟ هڪ هٿ لڳي ٻئي سان ، تہ تاري وڄي ! پر انحد شبد ”پاٽيهي “ پيو وڄي. هٿ لڳي ٿو هٿ کي تہ آواز ٿئي ٿو. - پر هڪ ٻيو آواز آهي جو پاٽيهي پيو اُٿي : اُهو آواز ڪٿان پيو اچي ؟ اُن جي پروڙ پوءِ پوي ٿي - دل دل ۾ ”شبد“ پيو وَڄي ، پاٽيهي - دل دل جي اندر هڪ عجيب آواز پيو اُٿي - اِهو آواز جو ٻڌي ٿو، اُن کي دنيا جي پرواه ٿئي ڪين - اُن مني آواز ۾ جو لوَ لين ٿي وڃي ٿو، اُن کي پئسي پدارٿ جي پرواه ڪانہ ٿئي: اُن کي فقيري ءَ ۾ آنند اچي ٿو: اُن کي اميريءَ جي پرواه ڪانهي: مان شان جي پرواه ڪانهي ، اُهو ”نرمان“ ٿي پوي ٿو - اُهو رهي ٿو آنند ۾: اَنحد ”شبد“ ۾ نواس ڪري ٿو، سچو سک پرايت ڪري ٿو-

ڏارا: اُتي ڪيئن پهچون؟ پيارا! جي چاهين تہ آنند ڌام ۾ پهچان تہ پهرين من کي اُڏاءِ! هيءُ من ڪٿي ڪٿي نہ پيو ڀوڙون پائي! چنچل من کي ڌور ۾ ٻڌ! هن چنچل من کي ٻڌ ”هوا“ جي ڏاڳي ۾! اِهو هوا جو ڏاڳو ڇا آهي؟ ”پون“ آهي نشانيِ ”آتما“ جيِ! آتما جيِ اصلوڪي معنيٰ آهي ”هوا“! اُنهيءَ آتما جي ڏاڳي ۾ من کي ٻڌ! هن وقت پيارا! تو پاڻکي ”مايا“ جي ڏاڳي ۾ ٻڌو آهي. ڪيئن نہ مايا ۾ تو پئي پاڻکي نچايو آهہ! مٽيءَ جا پتلا! ڪيئن نہ مايا پيئي نچائي! سندر روپ ڌاري پيئي توکي لُڀائي! هِت هُت پيئي توکي ڇڪي، پيئي توکي نچائي! لوڪ اڄ ڪلهہ ڪيئن نہ عملدارن جي در تي پيا پٽڪن! ”ماٽي ڪا پتلا ڪئسي نچت هيَ!“ سنتن جيِ سکيا آهہ تہ ”مايا جي ڌور ۾ ٻڌجي، نہ نچو پر اُڏامڻ سکو!“ تنهنڪري من کي ٻَڌو آتم جي ڏاڳي ۾!

اسين ڪيئن آتما جي ڏاڳي ۾ ٻڌجون؟ گر ڪرپا ڪيِ! مهر نهار ڪيِ! ستگر ئي اَسانکي آتم جي ڏاڳي ۾ ٻڌي سگهي ٿو! هي ”ٻوڌ سوتر“ ڪهڙا نہ سندر آهن! اُن ۾ شري گيانيشور جي سکيا سمايل آهہ:-

(۱)

سوجا، سوجا، سوجا ميري لعل!
تڄ اَيمان! ستگور سائين ڪري سنڀال،
سوجا، سوجا، ڇڏ هٺ ۽ مانُ،

ٽنهي گڻن ڪان مٿي وڃي. پر اُپڪار تہ ڪيترائي ڪن ٿا: تن سيني کي مبارڪ! پر اُهي بہ آهن ڪال چڪر ۾! ڪال چڪر ڪان مٿي وڃو! اِها آهي سنتن جي سکيا. اُتي وڃو جتي سچو سک آهہ! اِندرين جي آرام ۾، يا پئسي پدارٿ جي سک ۾، آهي ڏک جو ٻج - تنهنڪري ڪنهن اِنسان کي ڪيترو بہ پئسو پدارٿ هجي تہ بہ هو ڏکي رهي ٿو. ڪيترو بہ مان شان ملي تہ بہ ڏکي! اُنهيءَ سک ۾ ڏک جو ٻج آهہ! مان شان جو سک، حڪمراني جو سک، سو آهي کير جي پيالي وانگر جنهن ۾ زهر جو قڙو پيل آهي. پهرين بيشڪ آرام ملي ٿو پر پوءِ خبر پوي ٿي تہ اُن ۾ ڪيڏو نہ ڏک سمايل آهہ! جنهن لوڪ ۾ اَسين آهيون اُت ڏک پيو ڏنگي.

جو ٽن گڻن ڪان مٿي چڙهي سو چوٿين اوستا ۾ اچي ٿو. اُن جو نالو ”تُريا“ ءِ اوُ ڏسي ٿو تہ ٽن گڻن ڪان مٿي آهي اُهو لوڪ جت نڪي ”نند“ آهي نڪي ”جاڳڻ“. هن لوڪ ۾ اَسين من جي راند پيا ڪيليون؛ جو آنند ڌام ۾ وڃي ٿو، اُهو وڃي ٿو من چڪر ڪان مٿي.

تڏهن سوال اُٿي ٿو تہ اُت ڪيئن پهچون؟ گيانيشور چوي ٿو تہ ”پوَن جي ڏور ۾ من کي اُڏاءِ!“ پنڌ ڪرڻ سان اُتي ڪين پهچي سگهبو. اَسان جا ”سڌارا“ آهن پنڌ ڪرڻ. گيانيشور چوي ٿو:- ”پيارا! تون اُڏامڻ سک! پنڌ ڪرڻ سان اُنهيءَ ڌام ۾ ڪوئي نہ پهچي سگهي! اُڏامڻ سک! جتي آهي نرمل سک جي

(١٨)

تيرٿ ياترا

هينئر گيانيشور جي جيون ۾ ٻيو پردو کُليو ٿو. گيانيشور تيرٿن تي وڃي ٿو. گوروءَ جي آگيا کانسواءِ سچو شش ڪوئِي ڪم ڪين ڪري! گيانيشور جي گوروءَ جو نالو آهه ”نورتيِ ناٿ“- هڪ ڏينهن نورتيِ ناٿ گيانيشور کي چويٿو تہ ”ٻالڪ گيانيشور! جيڪر تون هينئر تيرٿن تي وڃين!“ گيانيشور سر جهڪائي چوي ٿو تہ:- ”گورديو! جيڪا اَوهان جي آگيا! پر جي موڪل هجي تہ هڪ وينتي اَوهانجي چرنن ۾ رکان!“

نورتيِ ناٿ:- پيارا! چئہ جيڪيِ توکي چوڻو هجي.

گيانيشور:- گورديو! جيڪر اَوهين بہ مونسان تيرٿن تي هلو!

نورتيِ ناٿ:- جيئن تون چوين ٿو. تيار ٿيءُ ۽ مان بہ تيار ٿيان ٿو! پر ٻالڪ! ڪِن ٻين کي بہ پاڻسان وٺيِ هل. مڪتا ٻائي ۽ ڪن ٻين کي بہ پاڻ سان وٺي هل!

نورتي ناٿ، گيانيشور جو وڏو ڀاءُ ۽ گرو هو. گيانيشور جي ٻئي ڀاءُ جو نالو هو ”سوپان ديو“ ۽ گيانيشور جي پيرِ

اَناهت تالي بجائي نوريِ تي نرمان!

(۲)

نندَ ۾ جاڳڻ، اُتري آهہ، اُتري آهہ؛
پوَن جي ڏور ۾ من کي اُڏاءِ!
ڪَپ اِئين سپ تن من جو گمان؛
نوري پار اُتار، پاءِ پد نروان!

(۳)

تن گٹن ڪان، وڃ تون پار!
تن گٹن جا سپ سنسا اُتار!
دل جي ڪمل، وڃ پائي پياس؛
جت ستگر نوري آهہ تنهنجي پاس!

(۴)

دل جي ڪمل ۾ عجيبن جوتيِ؛
اَنيڪ نالن سان ڪن اُن کيِ آرتيِ!
جوتيِ اِها آهہ، اَدوئيت اَکنڊ،
نوريِ ڪول گيان، ڏس آنند سمنڊ!

(۵)

گوروءَ جي چرنن رکہ پوُرن يڪتي،
اُتار اَندر ۾ وئراڳہ جيِ شڪتيِ؛
نج سُکہ نرمل نوريِ پائين؛
دل جي ڪمل ۾ سُوَروپ تون ڏيائين!

آس پاس پنھنجي تون نھار!
نھاري نھاري، ڏي پنھنجو پيار:
دروازو کول!

ساڌو نرمل جت رھي،
۽ ٻين جي پاپن کاڻ سھي!
دروازو کول!

سنسار جي آگ وسائي پاڻي،
سو پاڻي تہ آھي سنتن ٻاڻي:
دروازو کول!

سنت پيارا کائن کَلا:
تن لئہ گاريون بہ گُل ڀلا!
دروازو کول!

سنت سين ۾ پسن سو روپ،
ٿي جاڳي نوري، جوت اَنوپ:
دروازو کول!

تن، ڏينھن ۾ ھيءُ ويچار ھو تہ جو تيرٿن تي نکري سو سادو ڪاڏو ڪائي، سادا ڪپڙا پھري ۽ پنڌ ڪري يا مسافري ڪري تہ بہ پريوءَ جو نالو پيو اُچاري!

ھينئر پنڌ ڪري سڀ اَچي پھچن ٿا اِڪ نگر ۾، جنھنجو نالو ”نيواسي“- گوداوري نديءَ جي ڪناري تي آھي. ڪجهہ وقت اُت وھن ٿا، پاڻي پيئن ٿا. پھرين گيانيشور

جو نالو هو ”مڪتا بائيِ“- اِهي چار ئي ڪرشن پڳتيءَ ۾ رتل هئا ۽ سيني کي ڪوتا جيِ ڏات هئيِ. هڪ موقعي تي گيانيشور مڪتا بائيِءَ تي رنج ٿيو ۽ دک ۾ پاٽکي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيائين. اُن موقعي تي مڪتا بائيءَ هيٺيون سندر گيت لکيو جنهن ۾ گيانيشور کي وينتي ڪيائين تہ ”دروازو کول!“ مڪتا بائيِ جي عمر اُن وقت ۱۵ سال هئي.

مون کي معاف ڪر،
مون کي صاف ڪر:

دروازو کول!

سنت سُڄان جوئيِ آهي،
سو بار بدين جو لاهي:

دروازو کول!

ست پرکہ مهاتمن پيارو،
آهہ نرمل نينهن ۾ نيارو:

دروازو کول!

سچيِ وڏائيِ جنهن مُکہ چمڪي،
اُن مکہ ديا درشٽيِ مُشڪي:

دروازو کول!

ڪاوڙ ڪنهن سان ڪرين پيارا؟
اَسان سيئي اِڪ اُپ جا تارا:

دروازو کول!

آهين: سبب ڪهڙو؟''

اِستري:- سائين! توهانجو نالو ڇا آهي؟''

گيانيشور:- منهنجو نالو آهه گيانيشور!

اِستري:- سنت سچا! مون تہ پئي توهان لاءِ پڪاريو! منهنجا وڏا ڀاڳہ، سائين! اَڄ اَوهين پڌاريا آهيو! آسيس ڏيو!

گيانيشور:- تنهنجي آواز ۾ درد آهہ: پنهنجي پتيءَ جي سامهون ويني آهين: سبب ڪهڙو؟

اِستري:- سائين اَڄ سڀ جواب ڏيئي ويا آهن: اُهو مونکان سَنو نٿو ٿئي؛ مان ڇا ڪريان؟ جيڪر مان ستي ٿيان! منهنجي پتيءَ کي شمشان ۾ کڻي ويندا تہ مان بہ وچي پاڻکي اَگنيءَ ۾ جلائينديس!

گيانيشور:- (ديا درشٽي سان اِستريءَ کي نهاري چويٿو):- گهبرائجي نہ وڃ! ستگور اؤلي کي ڪندو سؤلي!

اِئين چئي اِستريءَ جي پتيءَ ڏانهن نهاري ٿو- پوءِ ڇا ٿو ڪري؟ هن اِستريءَ جي پتيءَ جي مستڪ تي پنهنجو هٿڙو گهمائي ٿو. سنتن جي هٿن ۾ الائي ڇا آهي؟ سندن نيڻن ۾ ڇا آهي؟ آسيس جو هٿڙو گهمائي ٿو- آسيس ڪو اکر نہ آهي: آسيس اِڪ لهر آهي؛ اِڪ شڪتي آهہ، سنتن منجهان آسيس جي لهر جنهن تي اَچي اُن کي اَڏي ڇڏي، نوبنو ڪري ڇڏي! اِها مهان شڪتي هن، اِستريءَ جي پتيءَ جي سرير تي ڪم ڪري ٿي. گيانيشور پوءِ هن اِستري ڏي منهن

پنهنجي گوروءَ کي پاٺي پيئاري پوءِ پاڻ بہ پاٺي پيئي ٿو. ويچار اٿن تہ اُت کي ڏينهن رهون. هڪ آشرم ۾ رهن ٿا. اُن آشرم ۾، نديءَ جي ڪناري تي، گيانيشور گيتا تي ٽيڪا لکڻ شروع ڪري ٿو. گيانيشور لکي ٿو تہ:- ”منهنجو گورو وينو هِن قلم سان لکي!“ جيڪي لکي، سو گورديو جي چرنن ۾ رکي ۽ چوي:- ”سائين! لکو بہ اوهين ٿا ۽ پيئا بہ اَوهانجي چرنن ۾ آهہ!“ روز نورتي ناٿ گيانيشور کي چوي تہ:- ”پيارا! جيڪي تو لکيو آهي سو پڙهي تہ ٻڌاءِ!“ گورو جڏهن شش جي ڀاو ۾ وهي ٿو تڏهن ڪيڏو نہ آنند ٿئي ٿو!

اِڪ ڏينهن گيانيشور ٿوري هوا کائڻ ٻاهر نڪري ٿو ۽ ٻڌي ٿو هڪ پڪار: اِها پڪار هڪ جهوپڙيءَ مان اَچي ٿي ۽ گيانيشور جي دل ۾ گهڙي وڃي ٿي. دک جي پڪار آهي: ٻڌي گيانيشور سمجهي ٿو تہ اِها پڪار ڪنهن اِستريءَ جي آهي جا مشڪلات ۾ آهہ ۽ وياڪل آهہ. هن استريءَ جي درد جو آواز پيو اچي:- ”آهي ڪو جو بچائي؟“ گيانيشور هن جهوپڙيءَ اندر گهڙي وڃي ٿو ۽ اُت ڇا ٿو ڏسي؟ پَٽ تي هڪ اِستري ويٺي آهي، سندس اکين ۾ آهہ پاڻي: پيئي نهاري: ڪنهن ڏي؟ سندس سامهون هڪ مرد پٽ تي ليٽيو پيو آهي. اُهو هنجو پتِي آهي ۽ ڪيترن ڏينهن کان بيمار آهہ. اِستري گهبرائجي ويئي آهہ!

گيانيشور:- پڇي ٿو:- ”ماتا! تون گهبرائجي ويئي

(١٩)

سپاڳو وسوپا

گيانيشور ڪيترائيِ ڏينهن اُنهيءَ نگر ۾ رهي ٿو. پوءِ گوروءَ جي آگيا موجب اُهو نگر ڇڏي ٿو. هينئر پنهنجي گوروءَ سان ۽ ٻين سان اَچي پهچي ٿو هڪ ٻئي نگر ۾- اُن نگر جو نالو آهي ”آلنديِ“. اِگيئي هن نگر ۾ گيانيشور بابت ٻڌو اٿن. گيانيشور واسطي اُت اَگيئي عزت آهي: اُتي جا لوڪ سندس گوروءَ ۽ سندس پيڻ جو ستڪار ڪن ٿا. سڄي نگر ۾ خبر پئجي وڃي ٿي تہ سنت آهن پڌاريا- سو نگر سپاڳو جت سنت اچن. اڪثر آلنديِ نگر ۾ لوڪ پيا چون تہ:- ”هيءُ نگر سپاڳو جو سنت آهن پڌاريا!“ هن نگر ۾ گيانيشور، گوروءَ جي آگيا سان ست سنگ ڪولي ٿو ۽ لوڪن جي خوشي وڃي ٿي وڌندي.

پر نگر ۾ آهہ هڪ براهمڻ جو رنج آهي! اُنجو اِهو سپاءُ آهي. شري ڪرشن گيتا ۾ اَرجن کي چويٿو:- ”اَرجن پيارا! اِڪ اِڪ پنهنجي پرڪرتيءَ ۾ هلي ٿو!“ هن براهمڻ جو نالو آهي ”وسوپا!“ هنجو اِهو سپاءُ آهي تہ سينيِ مان پيو ويڪون ڪيِي- جڏهن ٻڌي تہ ڪو برهم گياني، پراُپڪاري پڌاريو آهہ تہ اُنجي نندا ڪري. گيانيشور ۽ اُنجي گوروءَ ۽ پيڻ جي ساکہ ٻڌي

ڪري ڪي اکر چوي ٿو.

گيانيشور:- تنهنجي پتيءَ جو نالو ڪهڙو آهي؟

اِستري:- سائين! هنجو نالو آهي سچدانند!

گيانيشور:- هي سچدانند ڪين مرندو ! توکي اَجا سڪ ڏيندو!

پوءِ پتيءَ ڏي منهن ڪري گيانيشور چوي ٿو:- ”سچدانند! توتي آسيس آهه!“ سچدانند جُري ٿو ۽ ٿوري وقت ڪانپوءِ ويهي سگهي ٿو پر مشڪلات سان. پوءِ گيانيشور کي ڏسي ٿو. ٿورن ڏينهن ۾ نيڪ ٿئي ٿو. اِستري پتيءَ سان سموري ڳالهه ڪري ٿي ته ڪيئن گيانيشور وٽس اچي ٿو. ۽ پتي سنت جي چرنن ۾ ڪرِي وينتي ڪري ٿو ته:- ”سائين! مونکي پنهنجو شش ڪريْ قبوليو!“ هن ڳالهه جو ذڪر وستار ۾ لکيل آهي هڪ ڪتاب ۾ جنهنجو نالو آهه:- ”گيانيشور وجيه.“ سنتن جي آهه جئه جئه ڪار! فرشتا پيا پڪارين: سنتن جي جئه جئه ڪار! برهما وشنو به پيا پڪارين سنتن جي جئه جئه ڪار!

چوٿيُ:- ”سائين ! ڪهڙي شيءِ اَوهان لئه تيار ڪريان؟“

نورتي ناٿ :- اڄ منهنجي دل ٿي آهي ته مون کي جيڪر هڪ ماني کارائين !

مڪتا ٻائي :- گورديو ڳالهه ٻه ايتري! مان وجي ٿي تيار ڪريان !

نورتي ناٿ:- پر اُها ماني مان کائيندس ڪچيءَ مٽيءَ جي برتن ۾ جو ڪنير وٽان ملندو - اُت وڃ ۽ ڪچيءَ مٽيءَ جي ٺالهي وٺي اچ ، پوءِ سٺي ماني پچاءِ ۽ ڪچيءَ ٺالهيءَ ۾ وجهي مونکي کائڻ لِئه ڏي ته مان پرسن ٿيان!

مڪتاٻائي :- گورديو مان وڃان ٿي ! ڪنڀار کان اَهڙِي ٺالهي وٺي ٿي اچان !

مڪتا ٻائي وڃي ٿي: رستي تي گڏجيس ٿو وسوپا! سڃاڻيس ٿو ته هيءَ گيانيشور جي ڀيڻ آهي ! پڇيس ٿو:- ”هن وقت نڪتي آهين؛ توکي ڇا کپي ؟“ مڪتا ٻائي وسوري رمزن مان ڇا ڄاڻي؟ چوي ٿي:- ”ڪنڀار کان ڪچي ٺالهي وٺڻ وڃان ٿي: اُن ۾ مٺي ماني وجهي رکنديس گورديو جي اڳيان!“ وسوپا ته ننڍڪ آهه؛ چوي ٿو:- ”ڏسون ٿا ته ڪهڙو ڪنڀار توکي ٺالهي ٿو ڏئي!“ ائين چئي ڊوڙي وڃي ٿو، ڪٿي؟ مڪتاٻائي آهستي هلي ٿي: وسوپا تکڙو ڊوڙي وڃي ٿو ڪنڀارن جي پاڙي ۾ ! ڇا ٿو ڪري؟ وسوپا کي پيسا ڪنڀارن کي اُڌارا ڏنا آهن، سو ڪنڀارن کي چوي ٿو:- ”متان مڪتاٻائيءَ کي ٺالهي

سهي نہ ٿو سگهي. جئن دريوڌن يڌشٽر جي ساک سهي نہ سگهيو. وسوپا پيو لوڪن کي چوي تہ ”اوهان گيانيشور ۾ ڇا ڏٺو آهي؟ هيءَ اَٿو هڪ معمولي ماڻهو: اُن ڪان بہ گهٽ آهي! لوپي آهہ ۽ هنکي ڪپي ٻاهريون مان شان!“ جت وڃي اُت گيانيشور جي نندا ڪري ۽ جتي ڏسي تہ ڪي گڏجي گيانيشور جي ساک ڳا ڪن تہ اَچي اُنجي نندا ڪري: لوڪن کي پيو چوي تہ:- ”خبردار! هن نگر جو براهمڻ مان آهيان. جي گيانيشور جي ساک ڪندا تہ اوهان کي هلاک ڪندس!“ وسوپا کي پيسو پدارٿ آهي جنهنڪري وڃي لوڪن کي هيسائيندو. ڪي ڇوڪر گيانيشور جي ساک ڪن تہ اُنهن کي ڪنڌ ڪان مروٽي. جت وڃي اُت گيانيشور جي نندا ڪري. ڪِي جو ڪِي وٽي هن پياري جي برخلاف چوندو! سياڳا سي جي رهن سانت ۾: وسوپا کي وڃن خار لڳندا.

اِڪ ڏينهن اَچي ٿو: ڏياريءَ جو ڏينهن- اُن ڏينهن لو ڪ ڪيتريون نہ خوشيون ڪن ٿا. ايوڌيا ۾ اُن ڏينهن شري رام ١۴ سالن جي بنواس کانپوءِ موٽيو هو. ڪيڏيون نہ خوشيون ڪيائون! اُن ڏينهن گهرن ۾ ڏيئڙا ٻارين ٿا ! اُنهيءَ ڏينهن نورتي ناٿ بہ خوش پيو ٿئي، سندس اکين ۾ جوت پيئي چمڪي. اُن ڏياريءَ جي ڏينهن مڪتا بائي ۽ ڪي ڪوٺي ٿو ۽ کيس چويٿو:- ”مڪتا بائي! اجوڪو ڏينهن ڏياريءَ جو آهي : هڪ شيءِ تي منهنجي دل ٿي آهي؛ جيڪر مونکي ڪارائين.“ مڪتا بائي

آهہ! چوي ٿو:- ”ڏسان تہ ڇا ٿو ٿئي؟“ گهر اچي گيانيشور پيڻ سان گفتگو ڪري ٿو. مڪتا ٻائي چوي ٿي :- ”هيءَ دنيا کهڙي نہ نردئي آهہ! مون ڇوڪريءَ کي ڪيڏو نہ رُلايائون!“ گيانيشور پنهنجي پيڻ کي اُپديش ڏئي ٿو تہ :- ”ٻالڪي ! چڱي سان چڱو تہ هرڪو آهي : پر سياڻو سو جو خراب سان چڱو هلي! هڪ اکر بہ وسوپا جي برخلاف نہ چئہ! هنتي آسيس ڪر!“

مڪتا ٻائي :- تنهنجي ڳالهہ مان سمجهي نٿي سگهان ! هنکي ڪيئن آسيس ڪريان؟

گيانيشور:- ڏس لوہ جو سڀاءُ آهي سخت ٿيڻ! اِنهيءَ ڪري لوہ کي ڏوهہ ڏبو ڇا؟ هنجي پرڪرتيِ اَهڙي آهي ! لوہ کي آڻ پارس جي سنگ ۾ تہ لوہ بہ سون ٿي پوي! اسانجو فرض آهي تہ اسين وسوپا کي آسيس ڏيون! هنجي پرڪرتيِ اِها آهي: هنجو سڀاءُ آهي گلا ڪرڻ. هنکي ڏوہ نہ ڏي: هن تي ديا درشٽي ڌر - هنکي جيڪر ڇڪين پريوءَ جي سنگ ۾: جي ننڊڪ آهن لوہ وانگر سي بہ جي سنتن جي سنگ ۾ اَچن تہ سون وانگر چمڪن! مڪتا ٻائي! پاڻُ وسوپا کي آسيس ڏي!“

مڪتاٻائي :- (سمجهي ٿي ۽ چوي ٿي) وسوپا! هڪ ڏينهن شل تون ڇڪجي اَچين سنتن جي سنگ ۾: شل توتي آسيس اچي !

وسوپا سڀ وينو ڏسي ۽ ٻڌي. وسوپا جي اکين ۾ پاڻي اَچي ٿو ۽ پاڻکي چوي ٿو:- ”مون ڪيئن نہ گيانيشور کي ستايو آهہ!

ڏيو! جي مکتا ٻائيءَ کي ٿالھي ڏيو تہ تنھن کان اِگر قرض مونکي موٽائي ڏيو.“ ڪنيار ويچارا ڇا ڪن؟ ھڪ ھڪ وٽ مکتاٻائي وڃي ٿي ۽ ھڪ ھڪ کيس جواب ڏئي ٿو:- ”مان ٿالھي ڪونہ ڏيندس!“ ڪوئي ڪونہ ٿو مکتاٻائي کي ٿالھي ڏئي! ٻاڏڪي پيئي چوي:- ”ڪيئن وڃي گورديو کي منھن ڏيکاريان؟ ڇا وڃي کيس چوان ؟“ دل ۾ وياڪل آھہ. ھٿين خالي ٿي موٽي، ويچار پيئي ڪري ”اسين ڪھڙيءَ دنيا ۾ رھون ٿا! ھيءَ دنيا ڪھڙي نہ نردئي آھي!“ ويچار ڪري اچي ٿي روئڻ ۾ ڇتڪي! پنھنجي گھر جي دروازي تي اچي روئي ٿي!

گيانيشور پيڻ جو روئڻ ٻڌي ٿو ۽ اچي پيڻ کي چوي ٿو:- ” توکي ڪنھن ڇيو آھي ڇا ؟ ڳالھہ ۾ ڇا آھي؟“ مکتا ٻائي تہ برھم گياني آھي! اَھڙيءَ پيڻ جو روئڻ گيانيشور سھي نٿو سگھي. گيانيشور کيس چوي ٿو:- ”ٻڌاءِ! ڳالھہ ۾ ڇا آھي؟“ روئڻ ھاڻ بند ڪري ٿي ۽ سربستي ڳالھہ ڪري ٻڌائيس ٿي تہ ڪيئن نہ مان ھڪ ٿالھي ءَ لئہ ڀٽڪي آھيان!

ھاڻ گيانيشور پاڻ بزار ۾ وڃي ٿو: سڄي نگر ۾ سنت لئہ عزت آھہ! ھڪ ھڪ ڪنيار چوي ٿو:- ”سنت کي ڪيئن موٽايان؟ متان برڪت ھلي وڃي- وسوپا سان پاڻيھي پڄندس!“ گيانيشور کي تڪليف بنان ٿالھي ملي ٿي. گيانيشور ٿالھي ڪٽي پيو اچي : پنيان آھہ ھڪ ٻيو: ڪير؟ وسوپا! لڪي بينو

رهين؟

چو نہ تو متي متيَ اُڏامين؟“

وسويا:- سائين! مان ڪيئن متي اُڏامان ؟ مان تہ ٻنڌن ۾ آهيان ! اڙيل آهيان اجان سنسار ۾: ڪيئن مان اُڏامان؟

گيانيشور ڪيس اُپديش ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”وسويا! گُر ڪرپا ڪپي ! فضل ڪپي ! رحم ڪپي! “

گيانيشور جو اُپديش وسويا جي جيون تي نئون رنگہ چاڙهي ٿو ۽ پوءِ وسويا اُن رنگہ ۾ ئي رتل رهي ٿو: پنهنجي گرديو کي هردي ۾ ور ور ياد ڪري ٿو ۽ پيو چوي :- ”گرديو گيانيشور ! منهنجو پيارو گيانيشور ! پرم گيان جو ڀنڊار! پريم جو اوتار! “ وسويا گيانيشور جي ڀڳتيءَ ۾ ڀنل رهي ٿو ۽ گ يانيشور جي شيوا ڪري ٿو ۽ هڪ ڏينهن پرم منزل پائي ٿو.

پر هي مونکي ڪوني ٿو ”پاڻ“: وسويا جي دل هينئر بدلجي وڃي ٿي . اندر گهڙي اچي ٿو روئندو ! اڱڻ ۾ اَچي گيانيشور جي چرنن ۾ ڪِري پوي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”ڏيو مونکي معافي!“ گيانيشور وسويا جي مٿي تي هٿڙو گهمائي ٿو! وسويا چوي ٿو:- ”سائين! مونکي سنگت جي شيوا ۾ قبوليو!“ گيانيشور وسويا کي وڃي گورو ۽ جي چرنن ۾ وهاري ٿو: پنهنجي گهر ۾ ڪيس ماني کارائي ٿو! وسويا چوي ٿو:- ”سائين ! مونکي ڀوڄن کائڻ جي لائقي ڪانهي : مون اوهانکي سڄي شهر ۾ بدنام ڪيو آهه!“ وسويا ڏسي ٿو تہ ڪيوڙي جي پتي ۾ بڇيل کاڌو پيو آهي. اُهو کائي ٿو: هنجو من بدلجي وڃي ٿو ۽ روز روز ست سنگ ۾ اچي ٿو!

هڪ ڏينهن وسويا ست سنگ ۾ آهي. ستسنگہ پورو ٿيو آهي- شام جي ستسنگہ کانپوءِ پاڻ پينرون سنت کي ملن ٿا. اُنهيءَ ڏينهن وسويا جي دل ڏاڍي پريل آهي! جڏهن ٻيا سڀ هليا وڃن ٿا، تڏهن گيانيشور وسويا ڏي نهاري ٿو ۽ ڏسي ٿو تہ وسويا جي اکين ۾ آهہ پاڻي! وسويا کي ڪوني گيانيشور چوي ٿو:- ”وسويا! اچِي سنمکہ ويهہ!“ وسويا وهي ٿو ۽ زارون زار روئي ٿو. تڏهن گيانيشور وسويا کي چوي ٿو:- ”ڇو ٿو روئين ؟ ڪيچر تون ڇو ٿيو آهين؟ آسمان ۾ مٿي ڇو نہ ٿو اُڏامين؟“ ”ڪيچر“ آهي اِڪ پکي جو اُڏامڻ چاهي؛ پر گهڻو مٿي اُڏامِي نہ سگهي! گيانيشور سڪيا ڏئيس ٿو تہ :- ”تون ڇو ٿو اُن پکي ۽ وانگر

شاهوڪار چوي ٿو:- ”سائين! دنيا جو ڏن بيشڪ مونکي آهه پر مان پيو پڇان ته ايترو ڏن مان ڪاڏي ڪندس؟ سائين! منهنجي دل دکي. اَٿوا!“ گيانيشور پڇي ٿو:- ”سبب ڪهڙو؟“ شاهوڪار چوي ٿو:- ”اوهين سنت سچا! اوهين جاڻي جاڻڻهار آهيو. اوهين هِت پڌاريا تنهن کان ٿورا ڏينهن اڳه منهنجي ڇوڪريءَ جي شادي ٿي. پر جڏهن مون ڏٺو ته هن ڪنيا جو گهوٽ ڪهڙي طبيعت جو آهي ته مونکي دکه ٿيو: هينئر ڪرپا ڪريو“ گيانيشور چويٿو:- ”ڇا ڪريان؟“ هي شاهوڪار چويٿو:- ”سائين! توهين ڪجهه وقت ڪانپوءِ هي نگر ڇڏي اڳتي هلندا. مونکي خبر نه آهي ته توهين ڪٿي ويندا؟ پر ڇوڪريءَ جي جت شادي ٿي آهي اُن نگر ۾ ضرور وڃجو؛ ۽ ضرور سندس گهر چرن گهمائجو. جنهن گهر تي سنتن جي آسيس ٿئي ته اُن کي اَڏي ڇڏي. سنتن جي آسيس ئي اڏي ڇو ته سنتن جي آسيس ٿي ستگر کي سڏي. جنهن گهر سنت اَچن اُن گهر ديوتائون نچن!“ گيانيشور چوي ٿو:- ” پيارا ! مان اِئين ڪندس! سندس گهر به مان ويندس. تون چنتا نه ڪر.“

گيانيشور ڪي ڏينهن ”چاڪر“ نگر ۾ رهي، نگرواسين کان موڪلائي اڳتي هلي ٿو. اِرادو ڪيو اَٿس ته مان ضرور اُت وڃان جت هن شاهوڪار جي ڌيءُ آهي. پر تنهن کان اڳي هڪ ٻيو نگر رستي تي اچي ٿو جو تيرٿ

(٢٠)

نامديو

آلنديءَ ۾ گيانيشور ڪيترائي ڏينهن رهي ٿو. هينئر سندس گورو ۽ ساٿي ۽ پاڻ اڳتي هلن ٿا. پنڌ ڪري اَچي اِڪ ڳوٺ ۾ پهچن ٿا. هن ڳوٺ جو نالو ”چاڪر“. هِت بہ گيانيشور روز روز ستسنگہ ڪري ٿو. سندس هڪ شرڌالو آهہ جو سنڀال لهي ٿو. اِهو ماڻهو شاهوڪار آهہ: سندس نالو آهي ”مهيپتراءِ.“ هنجي هردي ۾ سنتن لاءِ صدق ۽ پيار آهہ. گيانيشور جي اچڻ کان ڪي ڏينهن اڳہ سندس گهر ۾ سندس ڌيءُ جي شادي هڪ ٻئي شاهوڪار ”رامراءِ“ سان ٿي هُئي: پر اُنهيءَ شاهوڪار کي پريوءَ لاءِ پيار ڪونهي؛ نڪي سنتن لاءِ صدق آهي. ڇوڪريءَ کي سنتن ۾ صدق، اَٽل وشواس آهي: پر پتي ستسنگہ کان پري ۽ سنتن لاءِ الائي ڇا ڇا پيو چوي! ڇوڪريءَ جو پتا لڪاپتي ۽ صدقي آهہ ۽ کيس چنتا ٿي پيئي آهہ تہ منهنجي ڌيءُ جي شادي ڪٿي ٿي آهہ؟ جنهن گهر ناهي سنتن جو ڏيان، سو گهر ويران بيابان! گيانيشور جي ڏاڍي شيوا ڪري ٿو. هڪ ڏينهن گيانيشور جي چرنن ۾ ويهي روئي ٿو- گيانيشور پڇيس ٿو:- ”پيارا! تون ڇو ٿو روئين؟ تون شاهوڪار! تنهنجي مشڪلات ڪهڙي؟ مونکي ٻڌاءِ!“

اچي لڳائي ڇاتيءَ سين اوُ احسان ۾!''
هڪ ٻئي گيت ۾ چوي ٿي:-
''منهنجو پوڄن، پاٺي، شيام!
ڪٿائي پيِ پايان وشرام!
هنڌ ٻه آهي منهنجو شيام!
اُن هنڌ تي ليٽيِ وٺان آرام!
شيام وٺان ۽ شيام ڏيان،
شيام جي سنگ ۾ روز وهان!
هِت هُت شيام! بجايان تاليِ!
شيام بنان آهه سڀ ڪجهه خاليِ!
شيام چوي: اَءِ جنا ٻائيِ!
ڌرتيِ آڪاس منهنجي ڌارا آئيِ!''
لوڪن ڪي نامديو لئه عجيب شرڌا آهه: پيا چون ته ''نامديو پريوءَ سان گفتگو ڪري ٿو ۽ پاڻ پريوءَ جو آواز ٻڌي ٿو.'' هڪ گيت ۾ نامديو چوي ٿو:-
''اکين سان ڏسان مان،
ڪمل مکڙو پسان مان،
هر هنڌ تنهنجو هر مڪان!
هر جاءِ تنهنجو ئيِ اَحسان!
سڀئي پراڻيِ منهنجا مِتر آهن:
سڀئي اِڪ نام شال ڳائن!''

آستان آهه، شيام پومي ۽ اُت هڪ ڪرشن ڀڳت رهي ٿو.

سنت هميشه چاهين ته ڀڳتن جو درشن ڪريون. هن نگر جو نالو ”پنڌرپور“. پنڌرپور ۾ سندر مندر آهي جت شري ڪرشن جي پوڄا ٿئي ٿي.

گيانيشور چوي ٿو:- ”پهرين پنڌپور هلون.“ هڪ ڪانئس پڇي ٿو:- ”سائين! پهرين اُت ڇو ٿا وڃو؟“ گيانيشور چوي ٿو:- ”اُت رهي ٿو هڪ ڀڳت؛ پريوءَ جو پيارو. هنجو نالو نامديو. پهرين اُن جو درشن ڪرڻ ٿو چاهيان!“

نامديو جو جنم هڪ ڳوٺ، ڪرهاد، ۾ ٿيو. اُهو ڳوٺ ستارا ضلعي ۾ آهه. اسڪول ۾ ڪين پڙهيو. پر ڪيس ”ڪيرتن“ واسطي عجيب پيار هو. هڪ اِستريءَ جي ڳوڙهن هن جي دل کي ڏوڏي ڇڏيو ۽ هن وڃي شيام جي شرڻ ورتي. نامديو جي ٻاڻي عجيب آهه: اُن ٻاڻيءَ جي ”اَڀنگن“ ۾ نامديو جي رتل روح جي پرورژ پوي ٿي. اُن ٻاڻيءَ ۾ ڀڳتيءَ جي عجيب سڳنڌ آهه. هڪ استريءَ کي نامديو ۾ ايڏو صدق ٿيو جو نامديو جي گهر ۾ وڃي نوڪرياڻي ٿي. اِنهي اِستريءَ جو نالو هو جنا ٻائي. ڪرشن لئه ڪيس عجيب قرب هو. لوڪ چوندا هُئا ته جناٻائي لاءِ ڪرشن پاڻ پاڻي ڀري ٿو اچي. ڪرشن سندس ڪپڙا صاف ڪري ۽ ڪرشن سندس چَڪي هلائي. هڪ گيت ۾ چويٿي:-

”وچ دل مندر شيام اچي ٿو ڏيان ۾!

مايا جي موهه ۾، ڪايا جي موهه ۾!'' اِهو تپ ڪير لاهي؟ ڪو پريوءَ جو پيارو: ڪو ستپر ڪه: اُنکي ئي طاقت آهي ته تپ لاهي. نامديو چوي ٿو ته: ''گيانيشور! مان آهيان سنتن جي چرنن جي خاڪ جو اِڪ ڪڻو!''

گيانيشور اِهي اکر ٻڌي ٿو ۽ سندس اکين ۾ اچي ٿو پاڻي! نامديو کي چوي ٿو:- ''تون ڪوئين ٿو پاڻ کي اِڪ ڪڻو: پر تون ته آهين ڀڳتن جو شرومڻي:'' ۽ پوءِ نامديو کي چوي ٿو:- ''نامديو! تو ته پريم رس آهه چکيو! تنهنکري تنهنجون واسنائون سڀ سڙي ويون آهن.''

هيءَ ڳالهه جيڪر اسين ياد رکون ته ترشنا جي آگ، باهه پيئي جلي، روز روز پيئي جلائي. دنيا جا جهڳڙا: تن جو ڪارڻ آهه ترشنا. اُن ترشنا کي ساڙي ڪير؟ پريم! هري رس آهي جن پاتو، تن آهه ترشنا کي ساڙيو. نامديو ته پريم رس پيتو آهي. گيانيشور نامديو کي چوي ٿو:- ''(۱) نامديو تون ڀڳتن جو شرومڻي آهين (۲) تو پريم رس چکيو آهي، تو ترشنا کي ساڙيو آهه (۳) نامديو! اِنکري تنهنجو جنم ڌن آهي، تنهنجو ڪُل ڌن آهي، تون پاڻ ڌن آهين. مبارڪ! نامديو! تنهنجي جنم کي مبارڪ! تنهنجي ڪل کي مبارڪ! (۴) نامديو مان تيرٿن تي نڪتو آهيان، منهنجي دل ۾ آهه پياس ته جيڪر تون مونسان تيرٿن تي هلين. من ڪجهه وقت گڏ گذاريون. من وقت بہ وقت اندروني دنيا جون ڳالهيون ڪريون.

گيانيشور چوي ٿو تہ مان اُن ڀڳت نامديو جو درشن ضرور ڪندس. اَچي ٿا پهچن پنڍرپور ۾. گيانيشور سڌو وڃي ٿو نامديو وٽ. نامديو رهي ٿو هڪ جهوپڙيءَ ۾. گيانيشور نامديو جي در تي بيهي ٿو ۽ نئڙت ۾ پڇي ٿو:- ”مان اَچان اندر؟“ نامديو وينو آهي جهوپڙيءَ ۾. آواز ٻڌي ٿو ۽ پڇي ٿو:- ”اوهين ڪير آهيو؟“ کيس خبر ڪونهي تہ سنت اَچي بيٺا آهن. گيانيشور چوي ٿو:- ”گيانيشور“. نامديو گد گد ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”آج مها منگل! موري گهر سنت پڌاريا!“

نامديو ڪوٺيءَ کان ٻاهر اَچان اٿڻ ۾ مس اَچي ٿو تہ وڃي گيانيشور جي چرنن ۾ ڪرِي پوي ٿو. گيانيشور اُٿاريس ٿو. جڏهن اُٿي ٿو، اُن وقت نامديو گيانيشور جي آرتي ڪري ٿو! ڪيڏي نہ صدق ۾ آرتي ڪري ٿو! اُن ۾ چا ٿو چوي:- ”سائين! دنيا سارِي آهي مايا ۾ تتل! اُنجي اُڌار لئہ اوهين آيا آهيو. مان نامديو آهيان سنتن جي چرنن جي خاڪ جو اِڪ ڪڻو!“ ڪيڏي نہ سندر سڪيا نامديو هن آرتيءَ ۾ ڏئي ٿو! دنيا تتل آهي: دنيا اَتو تپ ۾. پيارا! اوهان کي بہ تپ آهي، اُهو وڃي پيو چڙهندو. ڊاڪٽر نٿا ڏسن؛ پر ڊاڪٽرن جا ڊاڪٽر اَتوَ سنت: توهانجي نبض جا چين ٿا: ڪيئن نہ قابو آهيو قيد ۾- ڪامنائين جي قيد ۾! ڪيئن نہ اتڪيل آهيو ترشنائن ۾! ڪيئن نہ اوهان جون دليون اڙيل آهن سنسار جي ڄار ۾! اوهانجي نبض جاچي سنت چون ٿا تہ:- ”اوهين آهيو تتل،

’جائو! جلدي جائو ! ڪلياڻ هونگا ! وڃ ! نامديو! جلد وڃ ! اُن ۾ تنهنجو ڪلياڻ آهي!“ نامديو پڇي ٿو:- ”سائين توهان کي ڪو سپنو آيو؟“ گيانيشور چوي ٿو:- ”نامديو پيارا ! سپني ۾ مونکي به شيام آيو. سپني ۾ منهنجن هٿن ۾ اَچي شيام تنهنجا هٿ رکيا ۽ شيام هيئن چيو:- ’هي اَٿيئي منهنجو پيارو؛ ڪر تون اُن جي سنڀال: اِڪ کن به رک نہ هنکي پري؛ ٿيءُ تون هنجو رکپال!‘ هي اکر منهنجي لاءِ ڪافي آهن. هينئر تہ منهنجي پياس وڏي آهي تہ مونسان گڏ هلين تيرٿن تي!“

سڀي ٽولي تيرٿن تي نڪري ٿي ۽ گيانيشور جو گورو، گيانيشور جي پيڻ، نامديو ۽ گيانيشور پاڻ اڳتي هلن ٿا. گيانيشور کي اَچي ٿي يادگيري تہ مون انجام ڪيو هو اُن شاهوڪار کي تہ مان تنهنجي ڏيءُ جي پٽيءَ جي نگر ۾ ويندس. گيانيشور پنهنجي ٽوليءَ سان گڏ اُن نگر ۾ وڃي ٿو، جت اُن ڪنيا جي شادي رامراءِ سان ٿي آهي. ڪنيا جو نالو آهہ سيتا ٻائي. رامراءِ کي ڪيترن لکن جي ملڪيت آهي. کي هنکي ”راجا“ ڪري ڪوٺين، کيس وڏيون اختياريون مليل آهن. پر گهر ۾ هڪ ڳالهہ تي ٽنٽو وريِ وريِ پيو ٿئي. سيتا ٻائي روز پنهنجي پتيءَ رامراءِ کي پيئي سمجهائي تہ ”پيارا! تون ڇا ٿو ڪرين؟ سنتن کي نگر ۾ تون اچڻ نٿو ڏين: پيارا ! شل تنهنجي من ۾ ڦيرو اَچي!“ روز سيتا نئڙت سان وينتي ڪري پيئي ۽ روز رامراءِ مٿس ڪاوڙ ڪري پيو. ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ

جيڪر تيرٿ ياترا تي مونسان هلين ! گڏجي گوبند جا گيت ڳائيندا سين.“

سنتن کي به پياس آهه ته شل ڪي ملن جن سان روحاني دنيا جون ڳالهيون ڪريون. نامديو چيوٿو:- ”اَءِ سنت سچا! تنهنجو چوڻ ڪيئن موٽايان! پرسڻ تون منهنجي اندر جو حال! يوگ نه ڄاڻان: نه مڪتيِ چاهيان، پر فقط هڪ پياس اَٿم ته شري ڪرشن جي سامهون رهان! روز هن سان مان ڳالهيون ڪريان: هو مونسان ڳالهيون ڪري ! شيام شل نه رکي مونکي چرنن کان پري. پوءِ سنت سچا ! تيرٿن تي ڪيئن هلان؟ هت شيام کي ڇڏي پري پري مان ڪيئن وڃان؟ پر وري به جيئن شيام جو حڪم. تون سنت آهين: تون شيام وٽ وڃ، جي هو آگيا ڏئي ته مونکي قبول آهي. مان هلندس: جي نه ته مان معافي گهران ٿو!“

گيانيشور نامديو کي چوي ٿو:- ”پيارا! هينئر دير ٿي آهي: تون به سمهه ۽ مان به سمهان ٿو. نامديو! جيڪڏهن ڪو سپنو اَچيئي ته مونکي ٻڌائج! مونکي به جي آيو ته توکي ٻڌائيندس.“

نامديو سمهي ٿو ۽ گيانيشور به آرام ۾ وڃي ٿو. صبوح جو ٻئي ملن ٿا: گيانيشور پڇي ٿو:- ”پيارا! ننڊ ۾ توکي ڪو سپنو آيو؟“ نامديو مشڪي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”سائين! آيو: سپني ۾ منهنجو ستگر آيو: اَچي شيام مونکي پڪاريو هن طرح:-

نامديو چوي ٿو:- ”هينئر جيڪر ٿورو وقت آرام وٺون! جيڪڏهن ڪنهن ڀڳت کي ڪو هڪ دفعو ئي اَن ڪارائي ته پريو اُن تي ڪيڏو نه پرسن ٿئي ٿو: ڪيئن نه اُنکي مهر ۾ ٿو نهاري!“ اِهي اکر سيتا ٻڌي ٿي: سندس دل اندر گهڙي وڃن ٿا ۽ سيتا چوي ٿي:- ”آه! جيڪر پريو مونکي به مهر ۾ نهاري! جيڪر مان به گيانيشور ۽ سندس ساٿين کي اَن ڪارايان! پر ڪيئن ڪارايان؟ پتيءَ کي لڳندي ڪاوڙ.“ اُن وقت گيانيشور ۽ ڀين جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿي. گيانيشور ڪيس سڃاڻي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”سيتا! تون ڀلي آئين. توتي شل آسيس چمڪي!“ سيتا جي دل ۾ گهڻو ئي ويچار ته سنت منهنجي گهر هلن: ڪيئن ڪوٺ ڪري؟ وڏيڪ ڪجهه نٿي چوي! سيتا سنتن جي چرنن ۾ سر جهڪائي سهيلين سان موٽي وڃي ٿي. رات ٿي آهه: ويچاريءَ کي ننڊ نٿي اَچي ۽ دل ۾ پيئي چوي:- ”سنتن کي مان ڪوني نٿي سگهان. هيءُ ڏن مان ڇا ڪريان؟ مان ته آهيان قيدي! ڇا ڪريان؟“ اِئين چئي پيئي وري وري روئي. صبوح ٿئي ٿو: سيتا جي دل تي ساڳيو بار آه. پاڻ کي چوي ٿي ته ”ڪهڙي نه شرم جي ڳالهه آهي ته سنت اچي نگر کان ٻاهر رهن! پر ڇا ڪريان؟“

اُن وقت سيتا جو ٻالڪ پڪاري ٿو ! اِهو ٻالڪ سيتا جو آهي پر سيتا جو نه آهي! سيتا جي پتيءَ هن کان اڳي به شادي ڪئي هئي. اُها استري مري ويئي هئي. هي ننڍو ٻالڪ پنج

سيتا سمجهيو تہ مان پتيءَ کي سمجهائي نٿي سگهان، سو سانت ۾ وڃي وهي ٿي.

اوچتو کيس خبر پوي ٿي تہ گيانيشور پنهنجي ٽوليءَ سان آيو آهہ. پڇي ٿي:- ”سنت ڪٿي لٿا آهن؟“ سيتا کي ڏاڍي پياس آهي تہ سنت مون گهر اچي آسيس ڏين، پر سيتا کي همت ڪانهي جو پتيءَ سان ذڪر ڪري. اِڪ براهمڻ کان پڇي ٿي تہ:- ”سنت ڪٿي لٿا آهن؟“ براهمڻ چويٿو:- ”سيتا! توکي خبر ناهي تہ ساڌن کي هن نگر ۾ اچڻ جي موڪل ڪانهي! اِن ڪري نگر کان ٻاهر لٿل آهن.“ سيتا چوي ٿي:- ”اَفسوس! منهنجي پتا ڪيڏي نہ سنتن جي خدمت ڪئي ۽ اِهي سنت هينئر نگر کان ٻاهر!“ سيتا کي سندر بنگلو آهہ: سيتا کي نوڪر چاڪر آهن؛ پر کيس سڀ ڪجهہ زهر ٿي لڳي ٿو. ڇا ٿي ڪري؟ رات جو پتيءَ کان لڪائي وڃي ٿي سهيلين سان : ڪٿ ؟ جت گيانيشور لٿل آهي. اُت ٻاهيون ٻاريون اٿن ! اُت گيانيشور ۽ سندس ساٿي وينا آهن. سياري جو سيءُ: ٻاهر ميدان ۾ ٻاهيون ٻاري وينا آهن! سيتا ڏسي عجب ۾ پوي ٿي. وڏيڪ ڇا ٿي ڏسي؟ گيانيشور جي پرسان هڪ ٻيو وينو آهي: سو ڪير؟ نامديو! ٻئي وينا هري ڪيرتن ڪن: گوبند جا گن وينا ڳائين. ٻئي رنگہ ۾ رتل آهن. گيانيشور کي خبر ڪانهي تہ سيتا آئي آهي. گيانيشور تہ آيو ئي آهي سيتا جي صدقي.

گيانيشور ۽ نامديو وينا پڇن ڪن. ڪيرتن کان پوءِ

ڏنو. سياري جي سيءَ ۾ وينا هئا. ڏوم مچائي گوبند جا گيت وينئي ڳايائون. موڪل ڏيو تہ مان ڪين هِت ڪوٺيان، پر توهين ضرور سندس ڏوڙ وٺندا ۽ سنتن جو پاڻي ٻالڪ کي پيئاريندا. پوءِ ڏسجو تہ ٻالڪ بچي ٿو يا نہ؟'' رامراءِ چوي ٿو:- وٺي اچ، جلدي سنتن کي وٺي اچ!''

سيتا سنتن وٽ اَچي ٿي ۽ حال اوڙي ٿي ۽ وينتي ڪري ٿي تہ ''جيڪر هڪ منٽ بہ نہ وڃايو. سائين! ڪرپا ڪري اچو، منهنجي ٻالڪ کي اَچي آسيس ڏيو تہ هو جِئي.'' گيانيشور جو گورو ۽ نامديو ۽ گيانيشور جي ڀيڻ ۽ گيانيشور پاڻ سڀ گڏجي اچن ٿا. سيتا پيئي روئي. پوءِ گيانيشور جي چرنن جي خاڪ پتيءَ جي مستڪ تي رکي ٿي ۽ گيانيشور کي چوي ٿي:- ''ڪرپا ڪري جل ڏيو تہ ٻالڪ کي پيئاريان !'' گيانيشور پاڻي ڏئي ٿو. سيتا ٻالڪ کي پاڻي پيئاري ٿي. جيئن پيئي پاڻي پيئاري، تيئن گيانيشور پيو ٻالڪ کي نهاري. پوءِ ڇا؟ ٻالڪ اُٿي وهي ٿو! بيهوشي گم! هي اِسرار سيتا جو پتي ڏسي ٿو ۽ گيانيشور جي چرنن ۾ ڪري ٿو ۽ چوي ٿو:- ''معاف ڪريو، قصور منهنجا ڪيترا، معاف ڪريو!'' اُن وقت گيانيشور مهر جو هٿڙو رامراءِ تي رکي ٿو. رامراءِ جي دل هينئر ٻي ٿي آهہ ۽ رامراءِ چوي ٿو:- ''سنت سچا مونکي رکو ڪمل چرنن ۾! پنهنجو شش ڪري قبوليو. اڳي مون ڪين ڄاتو. سائين! مهر نظر سين نهاريو. هينئر قدمن ۾ قبوليو!'' اُن ڏينهن کانوٺي رامراءِ شش ٿئي ٿو ۽ سنتن جي شيوا ڪري، هڪ ڏينهن مانکہ جنم سڦل ڪري ٿو!

سال عمر جو پڪاري ٿو: سيتا پڇي ٿي:- ”پيارا ! تو کي ڇا کپي ؟“ ٻالڪ چوي ٿو:- ”پاڻي ڏي! اَمي!“ ٻالڪ کي پاڻي ڏئي ٿي ۽ چويس ٿي:- ”پيارا ! پي ۽!“ ٻالڪ پاڻي پيئي ٿو. ڇا ٿو ٿئي؟ پاڻي پيئي ٿو ۽ بيهوش ٿي وڃيٿو. ڇا ٿيو؟ رات جو سيتا جي هڪ هيري جي ڪڻِي چوڪ ۾ پاڻيءَ ۾ ڪِري پيئي؛ جو پاڻي ٻالڪ پيتو. اُن پاڻيءَ ۾ هئي هيري جي ڪڻِي. ويچاري ٻالڪ چيو:- ”سور، اَمي! سور!“ ائين چئي ٻالڪ بيهوش ٿي ويو.

سيتا ماڻهو ڊوڙائي ٿي. شاهوڪار رامراءِ اچي ٿو. گهبرائجي وڃي ٿو. ٻالڪ جي سامهون بيهي چوي ٿو:- اُٿ !“ پر ٻالڪ اُٿي نٿو. ٻالڪ تہ بيهوشيءَ ۾ آهہ . سيتا چوي ٿي:- ”پيارا ! تو سنتن جو نرادر ڪيو آهي ۽ هي اَٿيئي نتيجو! هي ٻالڪ بيهوش آهہ!“ رامراءِ پڇي ٿو:- ”آهي ڪو جو بچائي؟“ سيتا چوي ٿي:- ”پيارا! هن وقت بہ جي تون سنتن جي چرنن جي خاڪ مٿي تي رکين ۽ اُنجي آسيس ٻالڪ کي ڏين تہ ٻالڪ اُٿي کڙو ٿئي! جي ٻالڪ ائين اُٿي وهي تہ پوءِ سنتن جي ڌوڙ تون پنهنجي مستڪ تي رکندين؟“ دک ۾ دل نرم ٿئي ٿي! دکہ ۾ رامراءِ جو اَيمان دور ٿي وڃي ٿو. رامراءِ سيتا کي چوي ٿو:- ”جيئن چئين تيئن ڪريان! هي ٻالڪ پيارو، سونهن وارو ! منهنجي اکين جو ستارو آهہ: مان تيار آهيان ڌوڙ چمڻ لئہ. جيئن چئين تيئن ڪريان؟“ سيتا چوي ٿي:- ”پيارا! سنت تہ آهن بي ڊپا. هن وقت نگر کان ٻاهر آهن. ڪلهہ رات مون

”بيشڪ مونکي ڪو حق ڪونهي جو هن مندر ۾ اچان.“ دکہ ۾ ڪيرتن بند ڪري ٿو. مندر جي ٻاهر وڃي وهي ٿو ۽ اُت ڪيرتن شروع ڪري ٿو! آه ! ڪئن نہ لوڪ ڪيرتن ۾ اَچي شامل ٿين ٿا ! ڪيڏو نہ اُتساه هڪ سچو ڀڳت ڦوڪي سگهي ٿو! نامديو وڃي گيت ڳائيندو: لوڪ وڃن ٻڌندا ۽ ڳائيندا. ڪي تہ ٻڌي ٻڌي بيهوش ٿي ڪري پون ٿا. جت براهمڻ وينا آهن اُت تہ لوڪ وڃن نہ ٿا: چون ٿا تہ: ”سچو براهمڻ تہ هيءُ آهي جنهنکي پئسي جي ڪابہ لالچ ڪانهي.“ سڀ نامديو جي چرنن ۾ سر جهڪائين ٿا. گيانيشور کي ڪي چون ٿا:- ”اجوڪي ڏينهن اوهين هن ڀڳت سان هت پڌاريا آهيو. نگن ناٿ نگر کي اچي اوهان پوتر ڪيو آهي. جت سنت اچن اُت نگر سُونهي!“ ڪي چون ٿا گيانيشور کي:- ”اجوڪي ڏينهن اوهان درشن ڏنو آهي. اسانجي پياس آهي تہ اوهين بہ چار اکر اُپديش جا چئو.“ اُن وقت گيانيشور سنگت جي اڳيان سر جهڪائي ٿو بہ چار اکر ٻولي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”ستسنگيو! هن ميلي ۾ مان ڇا ٿو ڏسان! ميلي ۾ هرِي پاڻ آهي. پريوءَ کي وينو ڏسان. ڪيئن ٿو ڏسان پريو؟ شري ڪرشن هِت آيو آهي! شري ڪرشن جو مکہ آهي نامديو جي سامهون؛ شري ڪرشن جي پٺِي آهي براهمڻن کي! شري ڪرشن نامديو جي سنمکہ آهي. واه ! واه !“ گيانيشور جي چوڻ جو مطلب آهي تہ:- ”براهمڻ ٻاهرين ڳالهين ۾ مشغول آهن:

(٢١)

نگن ناٿ جو مندر

گيانيشر پنهنجي گوروءَ ۽ ڀيڻ ۽ نامديو سان اڳتي روانو ٿئي ٿو. ”نگن ناٿ“ نگر ۾ مهاشوراتري جي ڏينهن اچي ٿا پهچن. هڪ مندر ۾ وڃن ٿا. اُت ڏسن ٿا ته ڪيترائي براهمڻ ويٺا آهن ۽ ماڻهن جو وڏو ميڙ آهي. نامديو تنبورو کڻي ٿو؛ تند تار چاڙهي ٿو. نامديو جو ويچار آهه ته ڪيرتن ڪجي. اُتساهه ۾ ڀرجي ويو آهي، ”ڀڄه گوبندم! ڀڄه گوبندم!“ پيو ڳائي. ماڻهن جو وڏو ميلو لڳو آهي. نامديو چاهي ٿو ته اُهو ڏينهن اُتساهه سان ڀريل ٿئي. ٻائر ڀينر به اُتساهه سان نامديو جو گيت ڳائين ٿا. نامديو ور ور پيو ڳائي ”ڀڄه گوبندم!“

اَفسوس! براهمڻن جي اکين ۾ اُٿن پيا اُلا! ڇو؟ هنن کي ڪاوڙ لڳي آهي ته ”هي فقير ڪير جو مندر جي ڪاروائيءَ ۾ اَچي ڀنگ وجهي. اجوڪو ڏينهن ته آهي ڏکڻائن ونڻ واسطي! هي نامديو ڪير جو پيو ڪيرتن ڪري؟ ماڻهو ته اَسانکي نهارين به ڪين ٿا. سڀ پيا نامديو ڏي وڃن ۽ گوبند جا گيت ڳائين. نامديو سمجهي وڃي ٿو ۽ چوي ٿو:-

(٢٢)

هرپال لوٽو

گيانيشور هاڻي اڳتي وڌي ٿو، هلي ٿو ٻئي نگر اُن ڳوٺ ۾ پهچڻ کان اڳي اچي هڪ پربت تي پهچي ٿو. پربت تي ڏسي ٿو تہ سامهون هڪ آدمي آهي! اُن جو نالو ”هرپال“. هرپال کي ماڻهو سڃاڻن. هرپال هڪ لوٽو آهي، ڌاڙيل؛ چور: پهاڙن تي رهي ٿو ۽ سياڳو ٿئي ٿو چو تہ سنتن جي سنگ ۾ اچي ٿو. هن چور ۾ ڪي سندر گڻ آهن: مسافرن کي لٽي، پر جي ڪيس خبر پوي تہ فلاڻو شري ڪرشن جو ڀڳت آهي تہ اُن کي ڇڏي ڏئي ۽ اُنجي آسيس وٺي ۽ مسافرن کان جيڪي ڦري اُن مان ٿورو پاڻ لئہ رکي پر گهڻو غريبن جي شيوا ۾ خرچ ڪري. اسان مان گهڻا آهن ”لوٽو“. پر اسان ۾ اجا هرپال جا گڻ ڪونہ آيا آهن. اسين ڪيترا پاپ ڪري ڏن ڪنو ڪريون ٿا پر غريبن جو ويچار نٿا ڪريون. هرپال جي دل اندر پياس آهہ تہ غريبن جي شيوا ڪريان. هينئر هرپال گيانيشور جي نزديڪ آيو آهي. ڏسي ٿو تہ گيانيشور وينو آهي ۽ ساڻس گڏ نامديو وينو ڀڳتيءَ جا گيت ڳائي. يڪدم گيانيشور ۽ نامديو

پيا گهندڊ وڃائين ۽ ڏيئا ٻارين. پر گورو بابا کي اُهي ڪين ڪپن. جن جي دل اندر ڀڳتي ناهه، تنکي گورو بابا پني ڏئي ٿو. پر گورو بابا اُن سپاڳي جي سنمکہ ٿئي ٿو، جنهن کي پيار آهہ، ڀڪتي آهہ. نامديو ڪريا ڪرمن مان ڇا ڄاڻي؟ ڀڳتيءَ جي ڀيٽا ٿو شيام قبولي.'' نامديو جي سنمکہ شري ڪرشن آهي، پر براهمڻن کي پني ڏئي ٿو. سائين کي ديکا ديکي نہ ڪپي. سائين کي ڪپي دل جو پيار. شيام گهري ٿو ڀڳتيءَ جي ڀيٽا. زندگيءَ جو مکيہ خزانو آهي گور ڀڳتي. شاسترن ۾ ڇهن ڪمن جو ذڪر ٿيل آهي: (١) شاستر اَڀياس (٢) هوَن (٣) پاٺ (۴) تپشيا (۵) دان (٦) پر اُپڪاري ڪم، مريضن، غريبن، دکين جي شيوا. پر شري ڪرشن چوي ٿو:- اهي ڇهہ ئي ڪم وئرٿ وڃن ٿا اُن جا جنهنکي گُر ڀڳتي ڪانهي. نامديو کي تہ آهہ گر ڀڳتي! تنهنڪري گيانيشور ڏسي ٿو تہ ڀڳوان ٻين کي پني ڏيئي بينو آهي. پر نامديو جي سنمکہ آهي ۽ نامديو کي وينو آسيس ڏئي !

سنتن جي منڊليءَ کي هر پال هڪ ڳوٺ ۾ وٺي اَچي ٿو جت هر پال جو هڪ متر رهي ٿو. اُنجي گهر سڀئي رهن ٿا. رات جو واڪا ٿين ٿا: رڙ مچي ٿي: سبب ڇا؟ ڇا ٿيو آهي؟ اونهاري جو وقت آهه. جنهن وٽ گيانيشور ۽ ٻيا مزمان آهن، اُنجي پٽ کي اوچتو اچي هڪ نانگ چڪ پاتو آهي! رڙ هيٺ رڙ متي! پر سو گهر سڀاڳو جنهن گهر سنت پڌاريا. گيانيشور رڙ ٻڌي ٿو. ٻڌي هڪدم اُٿي ٿو: گهر جو مالڪ چويس ٿو:- ”سائين! توهين سنت آهيو. هي ٻالڪ واڪا ٿو ڪري. ڇو ته کيس نانگ ڏنگيو آهي. اوهين کيس ڇڏايو!“ گيانيشور ٻالڪ کي ڇڏائي ٿو. سڄو ڳوٺ اها ڳالهه ٻڌي گيانيشور جو شش ٿئي ٿو: گيانيشور چوي ٿو: ”هاڻي تڪڙو اڳتي هلو.“

جي چرنن ۾ ڪِرِي پيو ۽ چيو ته:- ”مان چور آهيان، مون کي آسيس ڏيو!“ اهڙي طرح اسين به جيڪر پرارٿنا ڪريون:- ”سائين! اسين چور آهيون! سچا ستگر! اسان تي آسيس ڪر!“ گيانيشور هرپال کي اُٿاري ٿو.

سنت اسانجا ڪرم ڪين واچين: اسانجا قاعدا قانون، پئنچاتون وغيره ويچار ڪن ڪرمن جو، پر سنت ڪرم ڪين ويچارين! سنت ڏسن دل کي. سنت ڏسن ته فلاڻي جي اَندر ڀڳتي آهي يا نه؟

گيانيشور ڏسي ٿو ته هرپال جي دل اندر ڪيڏي نه ڀڳتي آهه! گيانيشور پنهنجن هٿن سان هرپال کي اُٿاري ٿو ۽ چويس ٿو:- ”پيارا! تون ويهه!“ هرپال عجب ۾ پيو ٿو ۽ پاڻکي چوي ٿو ته:- ”هن سنت بابت مون ٻڌو هو، پر مونکي خبر ڪانه هئي ته هي سنت اهڙو آهي. مان پاپي، لوٺو، چور ۽ مون کي ٿو چوي ”پيارا!“ هرپال جي اکين ۾ پاڻي اچي ٿو. هرپال اُٺي سانت ۾ وهي ٿو ۽ وري وري پيو سنت جي مکه ڏي نهاري. اُن ڪان وڌيڪ سندر ڪم ٻيو ڪهڙو؟ گيانيشور به هرپال کي نهاري ٿو. هرپال چوي ٿو:- ”سائين! اوهين ٿڪل آهيو! اوهان پنڌ ڪيو آهه: موڪل ڏيو ته مان ڪنهن چڱي گهر ۾ اوهان کي ٽڪايان!“ گيانيشور منڊليءَ سميت هلي ٿو جت چور َين وٺي هلي ٿو. سو چور به سڀاڳو جو ڪري سنتن جي شيوا!

ٿو. ڏسو ڪيترا نہ آهن جي ڏسڻ ۾ چڱا، پر ويچارا ڪرمن جي جار ۾ وڃِي ڦا ڪِرن! راجا محلات ۾ پهچي ٿو. ورِي ورِي راجا جو من پيو ٽپا ڏئي: ڏوبياڻيءَ ڏي ورِي ورِي راجا جو من پيو وڃي. ويچاري راجا من کي ڪيترو ئِي سمجهايو آهہ: پر واسنا اچان اندر رهيل اٿس. تنهنڪري پياري! هميشه سنگہ جو ويچار ڪريو! اهڙي سنگہ ۾ ڪِري نہ پئو جو واسنا اُٿي. ويچارو راجا ڏسي ٿو تہ سندس دل اندر اَچان واسنا پيئي آهي: سو چوي ٿو تہ:- ”جيڪر پوڄا ڪرايان، پاٺ ڪرايان. هن وقت شايد منهنجا گرهہ چڱا ڪين آهن.“

راجا سويل صبوح جو وير منگل جوتشيءَ کي گهرائي ٿو ۽ کيس چوي ٿو:- ”اَءِ وير منگل! تون هوشيار آهين: ٻڌاءِ تہ ڪله منهنجي من ۾ وڪار ڪهڙو آيو؟ ڪهڙي گره جي اثر هيٺ مان هوس ۽ اُهو وڪار ڪيئن دور ٿئي؟ جي نہ ٻڌائيندين،“ راجا دڙڪو ڏئيس ٿو تہ:- ”تنهنجو پگهار بند ڪيو ويندو!“

ويچارو وير منگل مُنجهي پوي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”راجن! هفتي جي مهلت ڏيو: پوءِ مان ٻڌائيندس.“ ”بيشڪ،“ چوي ٿو راجا. ”اَئين ڏينهن اَچي ٻڌائج: جي تنهنجو جواب پورو نہ مليو تہ پگهار بند!“ ويچارو وير منگل وڃي ٿو ۽ پاڻ کان پيو پڇي تہ:- ”راجا ڪهڙو سوال ٿو پڇي؟: وڪار ڪهڙو؟ مون کي ڪهڙي خبر؟“ ويچارو جوتشي پستڪ کولي ٿو: پر ڪيس

(۲۳)

وير منگل

اُجين نگر ۾ اِڪ مشهور جوتشيِ رهي ٿو: اُنجو نالو آهي ”وير منگل“. سندس هردي اَندر پياس آهہ. شاهوڪار آهہ: ڪيترو ئي ڌن ڪنو ڪيو اَٿس: پر سندس هردي اَندر پياس آهہ پرم پدارٿ لئہ. رات اچي تہ سمهڻ ڪان اڳہ، سندس اکين ۾ پياس جو پاڻيِ اَچي. پاڻ کي چوي تہ: ”ڌن دولت مليو: پر سچو ڌن ڪٿي؟“ روز وير منگل وچي پياس ۾ وڌندو. مٿس راجا جيِ بہ مهرباني آهہ. راج محل جو جوتشي آهہ. محلات ۾ رهيِ بہ هي پيارو پريوءَ جو سمرن ڪري ٿو.

هڪ ڏينهن راجا ٻاهر نڪري ٿو ۽ چوي ٿو: ”اَچوڪو ڏينهن مان ٻيلي ۾ گذاريندس.“ پوءِ موٽي ٿو. موٽڻ وقت هڪ نديءَ جي ڪناري تان لنگهي ٿو. اوچتو راجا جي نظر هڪ ڌوٻياڻيءَ تي پوي ٿي: ويچارو اَڙجي وڃي ٿو. ڌوٻياڻيءَ لاءِ سندس دل ۾ موه اُٿي ٿو، تہ بہ پريوءَ کي نٿو وساري ۽ من کي وويڪ جي وس آڻي ٿو ۽ پاڻ کي چوي ٿو:- ”خبردار! متان ڪنهن اِستري جي موه ۾ اَڙيو آهين.“ من کي وينو سمجهائي: وينو گوبند جا گيت ڳائي. اَچي محلات ۾ پهچي

سنت راماننद جو، ڪاشيءَ ۾ رهي ٿو. اُن وٽان مان هيءَ وديا سکيس: جنهن ڪري مان ڇئي سگهان ٿي تہ راجا جي اندر ڪهڙو وڪار آيو؟ راماننद جي سنگہ ۾ مان آيس ۽ اُن جي ئي آسيس ۾ مان رهان ٿي.''

جوتشي انين ڏينهن راجا وٽ وڃي ٿو ۽ راجا سان ذڪر ڪري ٿو. ٿنهين سوالن جا جواب ڏئي ٿو. راجا پرسن ٿئي ٿو. جوتشيءَ کي اِنعام ڏئي ٿو. پر جوتشيءَ کي پياس آهہ تہ:- ''جيڪر سنت راماننद جو درشن مان بہ ڪريان.'' ڪاشيءَ وڃي ٿو: راماننद جو درشن ڪري ٿو، اُن جي سنگہ ۾ ڪجهہ وقت وهي ٿو. هڪ ڏينهن سنت راماننद هن کي ڪوٺي ٿو:- ''پيارا! تون دلگير پيو لڳين؟ سبب ڪهڙو؟'' وير منگل چوي ٿو:- ''سائين! مان دلگير آهيان ڇو تہ اَڃان پياس پوري نہ ٿي آهہ.'' ''ڪهڙِي پياس؟'' سنت پڇي ٿو. وير منگل چوي ٿو:- ''سائين! هيءَ پياس تہ مون کي پرم پدارٿ ملي. دنيا جو ڌن مان وڌيڪ نٿو چاهيان. مون کي گيان ملي.''

راماننद چوي ٿو:- ''تون موٽي وڃ! ستن سالن کانپوءِ تنهنجي نگر ۾ اِڪ سنت اِيندو: اُنجا پيرا پڪڙج. اُهو توکي پرم پدارٿ ڏيندو.'' وير منگل موٽي اَچي ٿو. اُن ڏينهن کان وٺي هنجي حياتي بدلجي ويئي آهي. سنتن جي ٻاٽي پيو پڙهي: غريبن جي شيوا پيو ڪري. پياس اَٽس تہ ست سال پورا ٿين تہ مون کي سنت جو سنگہ ملي.

ڪَل نہ ٿي پوي: ماني نہ ٿو کائي. چنتا اَٿس تہ پگهار بند ٿي ويندو! پستڪ پيو کولي، پر ويچاري کي پروڙ ڪانہ ٿي پوي تہ، راجا جي اندر ڪهڙو وڪار آيو؟ ۽ ڇو آيو؟''

ستين ڏينهن هڪ استري چنيءَ پڙهائڻ وير منگل وٽ اَچي ٿي. اُها استري هڪ وئشيا آهي: ڪيس چوي ٿي:- ''سائين! توهين چنتا ۾ آهيو: اوهانجي دل تي ڪو بار آهي ڇا؟ من ۾ منجهيل آهيو: سبب ڪهڙو؟'' ۽ جوتشي چوي ٿو:- ''بيشڪ مان منجهيل آهيان'' وئشيا چوي ٿي تہ:- ''مون کي موڪل ڏيو تہ مان پڇان تہ سبب ڪهڙو؟'' وير منگل چوي ٿو:- ''راجا مون کان سوال پڇيو ۽ اُن جو جواب اَڃان مون کي اَچيئي نٿو. راجا چيو تہ سندس دل اندر وڪار آيو ۽ مون کي ٻڌائين تہ ٻڌاءِ تہ اِهو وڪار ڪهڙو هو ۽ ڇو آيو ۽ اُن جو اُپاءُ ڪهڙو؟ چنتا اٿم تہ جي پورا جواب نہ ٿو ڏيان تہ منهنجو پگهار بند ٿي ويندو.'' وئشيا هڪ منٽ سانت ۾ وڃي ٿي: پوءِ چوي ٿي:- ''ٻڌ تہ مان توکي سڻايان. راجا هڪ رستي تان محلات ۾ پئي موٽيو: اُت آهي ڌوٻيءَ جو ٻلاءُ، نديءَ جي ڪناري تي: اُت هڪ ڌوٻياڻي کي ڏٺائين: راجا جي دل ڌوٻياڻيءَ ڏي ڊوڙي ويئي: سندس دل ۾ آيو اَپوترتا جو وڪار. اُن کي دور ڪرڻ جو رستو آهہ هڪ.- گر ڀڳتي، گر شيوا! هڪ وقت مان بہ هئس هڪ وئشيا: هينئر مان وئشيا ڪين آهيان: پريوءَ جي ڪرپا سان مون کي هڪ سنت جو سنگہ مليو.

مٿي هنجو ڪنڌ نٿو ٿئي. سنتن جي چرنن ۾ ڪِري پوي ٿو. پوءِ ڇا؟ وير منگل پنهنجا پران سنت جي چرنن ۾ ڏئي ٿو. ايڏي پياس، ايڏو اُمنگ وير منگل کي ته ”سنتن جو درشن ورِي الائي ملندو يا نه: ته هينئر ئِي سنتن جي چرنن ۾ سمائجي وڃان!“

وير منگل سپاڳو! گيانيشور جي ڪمل قدمن ۾ لنولين ٿئي ٿو. اَسان کي اهڙي پياس ڪٿي؟ وير منگل سپاڳو! مٿس گيانيشور آسيس جو هٿڙو گهمائي ٿو: پنهنجن هٿن سان شنان ڪرائي ٿو: پنهنجن ڪلهن تي سرير کڻِي شمشان ۾ وڃي ٿو. اُت وير منگل کي آسيس ڪري ٿو ۽ موٽي اَچي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”غمگين نه ٿيو: وير منگل ٿيو سپاڳو!“ وير منگل جي يادگيري ۾ هڪ سماڌي نهرائي ٿو: اُجين نگر ۾ اُها سماڌي اَڄان تائين آهه.

هينئر سال گذرن ٿا: گيانيشور آهہ پڌاريو! خبر مليس ٿي تہ گيانيشور آيو آهہ. وير منگل گد گد ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”منهنجو پيارو پريتم، سنت، آهہ پڌاريو.“ يڪدم گهر کان ٻاهر نڪري ٿو هن ويچار سان تہ گيانيشور جو درشن ڪريان. وڃي گيانيشور جو ستڪار ڪريٿو: درشن پائي ٿو. ست سنگہ ۾ روز اَچي ٿو. هينئر وير منگل سڀ پستڪ پوٿيون ڇڏي ٿو: گيانيشور کي پنهنجي جيون ارپڻ ڪري ٿو. سندس دل جي اُڪير وڃي ٿي وڌندي. اِڪ ڏينهن گيانيشور ستسنگہ ۾ چوي ٿو: ”سڀاڻي ٻئي نگر! اسين تہ آهيون مسافر، تيرٿ واسي، پهر پلڪ جا.“ وير منگل ٻڌي ٿو ۽ سندس دل ڌڏڻ لڳي ٿي. سويل صبوح جو گيانيشور رواني ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو: سويل گيانيشور جي مڪان تي وير منگل اَچي ٿو ۽ چويس ٿو: ”سائين! توهين اڄ روانا ٿيو ٿا: وري ڪڏهن موٽي ايندا؟“ گيانيشور چوي ٿو:- ”خبر ناه وري ڪڏهن موٽي اَچان!“

اُن وقت وير منگل گيانيشور جا پير پڪڙي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”سائين! اَوهين ڇئو ٿا تہ هِت وري موٽندا يا نہ؟ مون کي قدمن ۾ قبوليو!“ اِئين چئي گيانيشور جي اکين ۾ نهاري ٿو. سنت جي روبرو ويهي ڪمل چرنن کي پڪڙي نهاري ٿو! پوءِ سر جهڪائي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”سائين! مون کي آسيس ڪريو!“ پوءِ ڇا؟ وير منگل جو ڪنڌ هيٺ ٿي هيٺ:

پهچان: ڇو تہ سالن کان اُت رهيو آهيان ۽ اُن نگر لئہ پيار اٿم.“

هينئر گيانيشور نئڙت ۾ هڪ سوال پڇيو ٿو:- ”نامديو پيارا! جيڪر مونکي ٻڌائين تہ نروِڪاري ڏيان ڇا آهي؟“ اَسانجو ڏيان تہ ٿئي ٿو ڪڏهن ڪڏهن ۽ ٿورو وقت: پوءِ وري وڪار اَچن ٿا، پر پوُرن ڏيان تہ آهي نروڪاري ڏيان. اَهڙو ڏيان ئي پرڀوءَ جي چرنن ۾ قابو رکي سگهي ٿو.“ نامديو مشڪي ٿو! گيانيشور چوي ٿو:- ”شڪر جو مشڪين ٿو! سبب ڪهڙو؟“ نامديو چوي ٿو:- ”گيانديو! تون مون کان ڪهڙو سوال پڇين ٿو؟ مان تہ مورکہ: گهٽو ڳالهايان ڪين: تنهنڪري ٺاڪر منهنجي ٻانهن توکي ڏني آهي. گيانيشور! مان ڇا چوان؟ پر تون پڇين ٿو. تنهنجو پڇڻ آهي حڪم. اُن حڪم اڳيان مان سر جهڪايان ٿو. ٺاڪر جيڪي ٻولائيندو سو مان ٻوليندس ۽ تنهنجي چرنن ۾ رکندس.“

پوءِ نامديو گيانيشور کي چوي ٿو:- ”نام سنڪيرتن ڪانسواءِ مون کي تہ ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ مزو ڪين اچي. ڀر نام ڪيرتن بہ اُن کي ملي ٿو جنهن کي نئڙت آهي ۽ جنهن اِنسان کي نمرتا آهي. اُن جون بہ نشانيون آهن:- (١) اُهو سيني ۾ ڪو نہ ڪو گڻ ڏسي ٿو! اوُ نقط ڇيني نٿو ڪري. ڪنهن جا بہ اَوگڻ نہ ٿو ڏسي. اُهو گڻ گراهڪ آهي ۽ (٢) ٻي نشاني اُن جي هيءَ آهي تہ اُهو سياڳو هر هنڌ، هر مڪان،

(۲۴)

نروِڪاري ڏيان

هينئر گيانيشور منڊليءَ سميت ٻئي نگر ڏي روانو ٿئي ٿو. رستي تي هڪ ڏينهن گيانيشور ۽ نامديو جِي پاڻ ۾ سندر گفتگو ٿئي ٿِي. نامديو ڪرشن جو ڀڳت چوي ٿو:- ”ڪڏهن پنڌرپور پهچندس؟ ڪڏهن اُت وڃي وري شري ڪرشن جي پُتلي کي ڇاتيءَ سان لڳائيندس؟“ نامديو جي اندر شيام لاءِ ڪيڏي نہ پياس آهي! گيانيشور کي چوي ٿو:- ”ڪڏهن موٽنداسين؟ تون پنڌرپور کان وڃين ٿو وڏيڪ وڏيڪ پري ٿيندو: مون کي تہ پياس آهہ جيڪر جلدي پنڌرپور پهچون ۽ اُت شيام کي ڇاتيءَ سان لڳايون“ تڏهن گيانيشور نامديو کي چوي ٿو:- ”پيارا! هڪ ڳالهہ تون وسارين ٿو تہ تنهنجو شيام سمرٿ آهي: توکان پري ڪين آهي: هن وقت بہ تنهنجي روبرو آهي. تون شيام ۾ آهين ۽ شيام تو ۾ آهي: پوءِ غمگين ڇو ٿو ٿين؟ مون کي خوشي آهي تہ توکي شيام لئہ ايڏي پياس آهي: نامديو! تون سڀاڳو!“ نامديو چوي ٿو: ”تون سچ ٿو چئين تہ شيام منهنجي اندر ۾ مان شيام جي اندر. پر مون کي پياس آهہ تہ جيڪر پنڌرپور

(٢٥)

پشپ مالها

گيانيشور منڊليءَ سميت اَچي پهچي ٿو ”پرياگ“ ۾. اُن کي ”الله آباد“ بہ ڪري ٿا ڪوٺيون. اِهو هڪ تيرٿ آستان آهي. هت ٽي نديون گڏ ٿين ٿيون ۽ اِت لوڪ اِشنان ڪن ٿا. اِهو ڏسي اڳتي وڌن ٿا. اَچي ڪاشيءَ ۾ پهچن ٿا. اُن وقت ڪاشيءَ ۾ ڪيترا نہ پنڊت ڪٺا ٿيا آهن! سبب ڪهڙو؟ ڪاشيءَ ۾ هڪ مها يگيہ لئہ. ڪيترا جي ويدن ۽ شاسترن ۾ هوشيار آهن، گڏ ٿيا آهن: يگيہ شروع ٿئي پوڄا سان: اُها پوڄا ڪير ڪري؟ اُن بابت وينا بحث ڪن. هڪ آچاريہ چوي ٿو:- ”جي توهين مون ۾ صدق رکو تہ مان هڪ اُپاو ٻڌايان!“ ”ڪهڙو اُپاو؟“ پنڊت پڇن ٿا. هي چوي ٿو:- ”منهنجو اُپاو هيءُ آهي تہ هڪ هاٿيءَ جي سونڊ ۾ پايان پشپ مالها، پوءِ اُنجي مرضي: جنهنجي گلي ۾ پشپ مالها وجهي وجهي اُن کي چئو تہ پوڄا ڪري.“ پنڊت چون ٿا:- ”اِهو طريقو سٺو.“ پنڊتن جي سڀا اَچي ميدان ۾ ڪَٺي ٿي آهي: هي پنڊت هڪ هاٿيءَ جي سونڊ ۾ پشپ مالها وجهي ٿو. هڪ هڪ پيو هاٿيءَ کي پاڻ ڏي ڪوٺي. هڪ هڪ پيو چوي: ”جيڪر منهنجو ماڻ

هڪ درشن ڏسي ٿو: اُن درشن ڪري اُن جي هردي اندر آنند آهي. دنيا جي اُن کي پرواهه ڪانهي. اُنجي جي دل اَندر آنند پرڪاش آهي! اهڙو شيام جو پيارو سدا آنند ۾ رهي ٿو!''

نامديو وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ:- ''نروِڪاري ڏيان اَچي ٿو آنند مان. چت شانتي جڏهن آهي تڏهن نروِڪارِي ڏيان اُپري ٿو. جنهن کي نروِڪارِي ڏيان آهہ سو تہ سِيني ۾ اِڪ سائين پسي ٿو: نہ فقط سنتن ۾ پر گنهگارن ۾ بہ اِڪ سائين ڏسي ٿو.- اِڪ سائين سِين ۾: جو پيار ڏئي، اُن ۾ بہ پريو، پر جو ڏڪاري، گلا ڪري، ستائي، گاريون ڏئي، اُن ۾ بہ اِڪ پريو. سِين ۾ هڪ سروپ ڏسي ٿو: سِين ۾ شيام! اِڪ تون ئي تون!''

شري رام ڪرشن پرم هنس سچو سنت هو. ڪيڏو نہ ڪشٽ سٺائين، پر رهيو آنند ۾! نڙي جو ناسور ڪيس ٿئيٿو. هڪ ڏينهن سمهيو پيو آهي: هڪ شش پڇي ٿو:- ''سنت سچا! اَوهانکي سور چو پيو آهي؟'' سنت چوي ٿو:- پيارا! اُهو سرير کي سور آهہ: پر آتما کي تہ سدا آنند آهہ!''

جو نروِڪارِي ڏيان ۾ آهہ اُنجي هردي اندر آتم پرڪاش ٿئي ٿو. اُن کي عهدو چڱو هجي يا اُن کي کائڻ لا نہ ملي، اُن کي بيماري اَچي يا اُن تي ڪو حملو ڪري، دم بدم، پل پل هن پياري جي هردي اندر آنند آهہ.

(٢٦)

نام ڪيرتن

ٻئي ڏينهن گيانيشور منڊليءَ سميت ٻئي نگر واسطي روانو ٿئي ٿو. اُن جو نالو ”هستناپور؛“جت هڪ وقت پانڊون جو راڄ هو. هستناپور جي ويجهو آهي ”دهلي“. هستناپور جي آسپاس وٽي اچن ٿا دهليءَ ۾. ڪي ڏينهن اُت ترسن ٿا. نامديو دهليءَ ۾ ڪيڏي نہ موج ٿو لهائي! گوبند جا گن پيو ڳائي! دهلي شهر جو وايو منڊل بدلجي وڃي ٿو!

هڪ ڏينهن نامديو پيو ڪيرتن ڪري، گوبند جا گيت ڳائي. نامديو سندر گيت ڳائي ٿو جاڳي. اوچتو هڪ پڪار اُٿي ٿي: هٽ جائو؛ بادشاهه اچي ٿو! دهليءَ جو بادشاهه جلال دين خلجي، سواريءَ تي آهي: گهوڙي سوار ٿي اُن پاسي آيو آهي: پري کان پيئي اَچي پڪار :- ”هٽ جائو! بادشاهه پيو اچي!“ پر نامديو تہ آهہ مستيءَ ۾: ويٺو گوبند جا گيت ڳائي. بادشاهه بلڪل نزديڪ اچي پهتو آهي. بادشاهه جا ماڻهو ڪيترن کي پيا ڌڪ هڻن :- ”بادشاهه ٿو اچي: رستو صاف ڪريو!“ جانورن کي پيا ڌڪ هڻن، ڪيترا ماڻهو پيا ڊوڙون پائين. هڪ ڳانءِ

ٿئي!'' هاٿي قدم کڻي اَچِي بيهي ٿي هڪ جي اڳيان ۽ اُنجي گلي ۾ پشپ مالها وجهي ٿي. پر اُن کي ته ڪا به تمنا ڪانهي. اُهو ڪير؟ گيانيشور! هاٿڻي اَچِي پشپ مالها وجهي ٿي گيانيشور جي گلي ۾! گيانيشور تي سائين چٽ رکي ٿو. گيانيشور ته هڪ ڪنڊ ۾ وينو هو. ويچار هوس ته ڀڳيه ڏسان. هينئر اُن کي چون ٿا ته:- ''پيارا اَچِي تون ڀڳيه جي پوڄا ڪر.'' گيانيشور اُٿي ٿو: اُٿڻ ڪان اڳي پنهنجي گوروءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو: آسيس وٺي ٿو: ۽ چوي ٿو:- ''گور ديو! پهرين توهين هلو، پوءِ مان هلان.'' گيانيشور جو گورو پهرين هلي ٿو: اُنجي پٺيان گيانيشور اُنجي پٺيان نامديو- گيانيشور پوڄا شروع ڪري ٿو. ڪاشي شهر گد گد ٿئي ٿو: پيا چون ته :- سنتن پاڻ اَچي ڀڳيه شروع ڪيو آهي.''

نٿو: ناماديو کي چوي ٿو:- ”وڃ تون ! وڃي ڪيرتن ڪر. وڃي گوبند جا گن ڳاءِ. تو هٿ پرتو ڏيکاريو.“ گيانيشور نامديو کي چوي ٿو:- ”اچ تہ مان تنهنجي پني ٽپڙيان.“ نامديو سياڳو جنهنجي پني سنتن ٽپڙي. پوءِ ٻئي وڃن ٿا گيا ۾: گيا ڪانپوءِ گوڪل ۾؛ پوءِ برندابن ۾، پوءِ دوارڪا ۾، جت شري ڪرشن پنهنجي ليلا ڏيکاري!

بي هوش ٿي ڪري پوي ٿي. بادشاھ اچي سهڙيو آهي. بادشاھ
ڏسي ٿو تہ ڳان ۽ بيهوش آهي: سمجهي ٿو تہ شايد مري ويئي
آهي. بادشاھ جو ماڻهو نامديو کي پڪڙي ٿو ۽ چويس ٿو:-
”ڪيرتن بند ڪر.“ بادشاھ چوي ٿو:- ”نامديو کي منهنجي
اڳيان ڪڙو ڪريو.“ نامديو کي پڪڙي زوري ۽ بادشاھ جي
اڳيان ڪڙو ڪن ٿا. بادشاھ چوي ٿو:- ”ڏسين ٿو؟ هيءَ ڳان ۽
مري ويئي آهي. تنهنجي ڪيرتن هن ڳان ۽ کي ماريو آهي.“
بادشاھ کي ڪيرتن جي ڳالھ نہ ٿي وڻي. هندو ڊپ ۾
گوبند جو نالو گهرن ۾ لڪائي ڳائين. ڪليءَ طرح ستسنگ
ڪين ڪن. جيئن نامديو ڪيرتن پيو ڪري، تئين هندن جو
دليون پيبون جاڳن! بادشاھ نامديو کي چوي ٿو:- ”تنهنجي
ڪيرتن ڪري هيءَ ڳان ۽ بيهوش ٿي مري ويئي. نامديو!
تون چوين ٿو تہ نام ۾ طاقت آهي: تہ نام سان هن ڳان ۽ کي
اُٿار! جي نہ تہ هن تلوار سان تنهنجو ڪنڌ ڪپيندس.“
هندن ۾ هراس! نامديو، ساڌو، ڀڳت: سائين جو نالو ٿو ڳائي،
هينئر تڪليف ۾ آيو آهي! هيءُ ظالم زمانو! سڀ هندو
هيسيل آهن. نامديو پرارٿنا ڪري ٿو: شيام کي چوي ٿو:-
”شيام! شيام! جلدي اَچ تون! نہ تہ ڪال آيو اٿيئي منهنجي
ڪنڌ تي.“ نامديو سچو، نماڻو: پريوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿو
پرارٿنا ڪري پوءِ ”شيام“ جو نالو اُچاري ڳان ۽ تي هٿڙ
گهمائي ٿو ۽ ڳان ۽ اُٿي بيهي ٿي. بادشاھ ڏسي ٿو: وڏيڪ ڪچي

موڪلجي! ڇا ڪريان؟'' اُن وقت وري گيانيشور ڏيان ۾ ويٺي ٿو. نامديو وري ڪيرتن ڪريٿو:- ''يج گوبندم!'' ''يج گوبندم.'' ڏاڍي اُتساهہ سان گيت ڳائي ٿو. لوڪ اَچن ٿا ويچارا اُڃايل! ماٺهن جو ميڙ وڏو آهہ: نامديو ويٺي گيت ڳائيندو. پوءِ گيانيشور ڏيان مان اُٿي ٿو ۽ نامديو ڪيرتن بند ڪري ٿو.

پوءِ ڇا ٿا ڏسن؟ کوهہ منجهان پاڻي ٻاهر پيو اَچي: ايترو پاڻي ڪٿان آيو؟ ايترو پاڻيءَ جو کوهہ ۾ ماپي نہ سگهي! پاڻي جون نديون پيئون وَهن. لوڪ پيا پڇن تہ پاڻي ڪٿان آيو؟ مينهن پيو وسي! مارواڙ ۾ لوڪن کي ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي. لوڪ پيا چون تہ ''سنت آيا: سنت پڌاريا: نگر اَسانجي ڀلي آيا! اَچي مهر جا مينگهہ وسايا. پياسي ڀائر ۽ ڀينر پاڻي پيئن ٿا.

هڪ هڪ دل اَندر اَٿو اونهو کوهہ: اُن مان پاڻي ڪيئن ڇڪيون؟ رسي ڪانهي: لوٽو ڪونهي: پاڻي ڪپي: اِها اُڃ ڪيئن اُتري؟ ڪنهن ستپرکہ جي مهر اَچي تہ دل دل نچي!

پوءِ گيانيشور ۽ سندس ٽولي مارواڙ ڇڏين ٿا. نامديو تہ پنڌپور لئہ پيو تڙقي. گيانيشور ۽ سندس ٽولي اَچي پنڌپور پهچن ٿا. اُت پهرين ڳالهہ ڪهڙي ٿئي ٿي؟ نامديو ڊوڙي وڃي ٿو ناڪر جي درشن لئہ: وٺل، شيام جو درشن ڪري ٿو ۽ ورِي پيو چوي:- ''پريو! منهنجي پرانن

(٢٧)

مهر جو مينهن

پوءِ موٽن ٿا: اَچي مارواڙ پهچن ٿا. مارواڙ ۾ ڏڪار پوي ٿو: مينهن ڪين پيو آهي. ماڻهو بک ۽ وگهي پيا مرن. مارواڙ ۾ جنهن ڏينهن گيانيشور پهچي ٿو اُن ڏينهن ڏسي ٿو ته لوڪ وينا پاڻيءَ لئه پڪارين. منجهند جو گيانيشور کي به پاڻي نٿو ملي. اُڃ ڏاڍي، سڄيءَ ٽوليءَ کي پاڻي کپي. مارواڙ ۾ پاڻيءَ جو ڏڪار آهي. گيانيشور پريوءَ جو پيارو: گيانيشور اُڃ ڪيئن لاهي؟ گيانيشور وڃي ٿو ڌيان ۾. گيانيشور ڌيان ۾ وڃي سڀ ڪجھ وساري ٿو: نامديو ڪيرتن ڪري ٿو ۽ ڪيرتن ۾ نامديو پاڻي جي پياس مٽائي ٿو. پر مارواڙ ۾ ماڻهو پاڻيءَ کانسواءِ ڪيئن رهن؟

هڪ ماڻهو گيانيشور کي چوي ٿو:- ”سائين! نزديڪ هڪ کوه آهي: جي سنتن جي ڪرپا ٿئي ته کوه پاڻيءَ سان پرجي پوي ۽ پياس اَسانجي اُتري.“ گيانيشور نامديو سان وڃي کوه ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”مان ڇا ڪريان؟ کوهه آهي اونهو. کوه جي اونهائيءَ ۾ ٿورو پاڻي آهه: پر مٿي ڪيئن اَچي؟ رسي ڪانهي ۽ لوٽي به ڪانهي جو ٻڏي کوه اندر موڪلجي! ڇا ڪريان؟“ اُن وقت وري گيانيشور ڌيان ۾ وڃي ٿو. نامديو وري ڪيرتن ڪريٿو:- ”پيچ گوبندم!“ ”پيچ گوبندم.“ ڏاڍي اُتساهه سان گيت ڳائي ٿو. لوڪ اَچن ٿا ويچارا اُڃايل! ماڻهن جو ميڙ وڏو

سوُچنا

پياري پاٺڪو،

اَڄڪلهہ پني ۽ پرنٽنگ جا خرچ ۽ پڻ ٻيا خرچ ڪافي قدر وڌيل آهن. اِن ڪري ڪو بہ ڀاءُ يا ڀيڻ هن شڀ ڪاريہ ۾، ڏونيشن جي روپ ۾، خوشيءَ سان پئسا موڪليندو تہ سويڪار ڪيا ويندا، پر اِن لاءِ ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ ٻنڌڻ ڪين آهي.

جنهن بہ گهر ۾ سنتن جي ٻاڻي پڙهجي ٿي، اُن گهر تي پرڀوءَ جي آسيس چمڪي ٿي ۽ واهگرو برڪت جا ڀنڊار ڀرپوُر ڪري ٿو. شل توهان تي ۽ گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ تي ۽ توهان جي ڪمن ڪارين تي دادل شاه جي آسيس چمڪي، چمڪندي رهي!

جيڪڏهن توهان جو چندو پورو ٿي چڪو هجي تہ ڪرپا ڪري نئون چندو موڪليندا.

مَني آرڊر يا ڊرافٽ هيٺين اَيڊريس تي موڪليندا:

Sant Mala, Sadhu Vaswani Mission,
10, Sadhu Vaswani Path, Pune 411 001. (India)

چندي جا نوان اَگهہ هن ريت آهن:

For India	For Foreign: (By Air)
Yearly Subscription Rs. 30/-	Yearly Subscription $10 USD
For Four Years Rs. 100/-	Life Membership $ 200 USD
Life Membership Rs. 1000/-	

Editor : Shri A.M. Vaswani (Phone: 40064447)
Published by: Sadhu Vaswani Mission
Owned by: Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9, Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune -1.

نامديو، پنهنجي ناڪر جي پتورتا استري اکين مان پيو آب وهائي. هينئر اکيون کولي ٿو: ڪير بيٺو آهي؟ گيانيشور! گيانيشور چويس ٿو:- ”ڏنيہ هو! ڏنيہ هو! نامديو تون سڀاڳو! تنهنجي دل ۾ ايڏي ڀڳتي، ايڏو پيار، ايڏي سڪ، ايڏي سار! نامديو تون سڀاڳو!“

پوءِ گيانيشور چويس ٿو:- ”پيارا! تون نيٺ اَچي پهتو آهين پنهنجي نگر ۾. پنهنجي ناڪر جي چرنن ۾ وڃي ويهہ. هينئر جيڪر مان توکان موڪل وٺان. اسين بہ نگر موٽي وڃون ٿا. تيرٿ ياترا پوري ٿي: اسانجو نگر آهہ آلندي. نامديو چوي ٿو:- ”سائين اوهان کي تڪڙو موڪل ڪير ڏيندو؟ تيرٿ ڪري اَجان هينئر آيا آهيون. گهٽ ۾ گهٽ اَڄ رات تہ هِت ٽڪو: اَڄ رات بہ گڏجي شيام جي ڪرپا جا گيت ڳايون ! اَڄ رات گڏجي گوبند جا گيت ڳايون. گيانيشور چويٿو:- ”نامديو! جيئن تون چئين. سڀاڻي ويندا سين. پل اَڄ رات گڏجي ڪيرتن ڪريون.“ نامديو گد گد ٿئي ٿو: هڪ وڏو اُتسو ڪرئي ٿو. پنڌرپور جا ڪيترا ڀائر ڀينر اُن ۾ شامل ٿين ٿا. رات جو ڪيترو ڀاڱو جاڳي گوبند جا گيت ڳائين ٿا. ٻئي ڏينهن نامديو گيانيشور جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو ۽ گيانيشور جي گروءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائي ٿو: پوءِ سڀ اُٿي بيهن ٿا: آسيس وٺن ٿا. گرو نورتي ناٿ نامديو کي آسيس ڏئي ٿو. پوءِ گيانيشور گوروءَ جي ٽوليءَ سميت اَچي آلندي نگر ۾ پهچن ٿا.

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2009-2011

سنتن جي جيون چرتر تي
دادا واسواڻيءَ جا پستڪ

۱. شري جپ صاحب اُپديش (ٽي ڀاڱا:۸۵۸ پيج) ۱۰۰ رپيا
۲. نُوريءَ جي نهار: اَنجليءَ جي پڪار (پڪي جلد سان)۴۰ رپيا
۳. شري سکمني صاحب (ارٿ واد) (پڪو جلد) ۳۰ رپيا
۴. شريمد ڀڳوت گيتا (پڪو جلد) ۲۵ رپيا
۵. شري جپ صاحب (ارٿ واد) پڪي جلد سان ۲۵ رپيا
۶. نُورِي ٻاڻِي (پڪي جلد سان) ۳۰ رپيا
۷. دادا واسواڻِي: سندس شبدن ۾ ۸۰ رپيا
۸. ڀارت جي نوَنرماڻ جو منهنجي اَکين ۾ سپنو ۱۰ رپيا
۹. موت: اننت جو دئار ۱۰ رپيا
۱۰. بگڙي بناني والا ۱۰ رپيا
۱۱. حاضران حضور ۱۰ رپيا
۱۲. مکڙيون ۱۵ رپيا
۱۳. فقير فرانسز ۱۰ رپيا
۱۴. قرن فقير ويچارا، صورت لئہ سوين سکن تا ۱۵ رپيا
۱۵. ميران مستاڻِي ۱۰ رپيا
۱۶. نُوريءَ سان گفتگو ۱۵ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻِي لکپڙه لئہ لکو:-

Manager, Sant Mala,
10, Sadhu Vaswani Path, POONA - 411 001. (India).